ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) ڇنڇر 29 آگسٽ 2026ع 15 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (14)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ اسيمبلي ۾ ملڪ اندر نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام بابت بحث لاءِ منظور

پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو جي درخواست تي اسپيڪر اويس قادر شاهه گهرو وزير ضياءَ لنجار سان مشاورت ڪانپوءِ اهڙي رٽ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني

ملڪ ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ۽ مختلف خبرن ۽ قياس آرائين جو سلسلو جاري آهي. هي معاملو صوبن لاءِ انتهائي اهم نوعيت جو آهي: نثار کهڙو

اسپيڪر التوا واري رٽ بحث لاءِ منظور ڪندي رولنگ ڏني ته سومر ڏينهن ٻن ڪلاڪن تائين بحث ڪيو ويندو، ميمبر چاهين ته بحث کي وڌيڪ ڏينهن تائين پڻ جاري رکي سگهجي ٿو: موقف

پي ايس 30 تان چونڊيل نئين ميمبر اسفنديار ڪرل سنڌي ٻوليءَ ۾ رڪنيت جو حلف کنيو. موجوده اجلاس لاءِ نون پينل آف چيئرمينز ندا کهڙو، صابر قائم خاني ۽ ڊاڪٽر سڪندر شورو جي نالن جو اعلان

ميمبرن پاران پمز اسلام آباد ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي سميت ٻين المناڪ واقعن تي گهري ڏک جو اظهار، فوت ٿيل نون ڄاول ٻارن جي مغفرت ۽ سندن والدين لاءِ صبر جي دعا ڪئي وئي

اجلاس ۾ سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ، آءِ بي اي ۽ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس جا ترميمي بل منظور ڪيا ويا، اجلاس سومر منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب گاهو) سنڌ اسيمبلي جمعي ڏينهن پنهنجي اجلاس ۾ ملڪ اندر نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي تجويز ڪيل قيام بابت التوا واري رٽ بحث لاءِ منظور ڪري ورتي رٽ سينيئر پارليامينٽيرين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو پيش ڪئي اجلاس جي شروعات ۾ نثار احمد کهڙو اسپيڪر اويس قادر شاهه کان درخواست ڪئي ته هو فوري نوعيت جي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ احتجاج جي آڙ ۾ تشدد، ڀڃ ڊاهه ۽ امن استحڪام خراب ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين: وفاقي حڪومت

پرامن احتجاج هر شهري جو حق آهي، قانون احتجاج جي طريقيڪار کي واضح طور تي تعين ڪري رکيو آهي، قانون جي دائري ۾ رهندڙ پرامن احتجاج تي ڪنهن کي اعتراض ناهي: وفاقي گهرو وزير

رياست امن ۽ امان برقرار رکڻ جي پنهنجي ذميواري پوري ڪندي ۽ قانون هٿ ۾ کڻندڙن کي قانون موجب منهن ڏنو ويندو، اوهان کي هر قسم جي چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻو آهي

فيڊرل ڪانسٽيبلري کي عالمي معيار جو جديد پروٽيڪشن گيئر فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن فيلڊ ۾ اوهان جي حفاظت ۽ آپريشنل صلاحيت کي يقيني بڻائي سگهجي: محسن نقوي

وفاقي وزير محسن نقوي چارسده ۾ لينٽي رائٽ ونگ جي خصوصي تربيتي مشقن جو معائنو ڪيو ۽ اهلڪارن جي پيشيورانه صلاحيتن، جديد تربيت ۽ آپريشنل تياري کي ساراهيو

چارسده (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته پرامن احتجاج هر شهري جو حق آهي، قانون احتجاج جي طريقيڪار کي واضح طور تي تعين ڪري رکيو آهي، قانون جي دائري ۾ رهندڙ پرامن احتجاج تي ڪنهن کي اعتراض ناهي، ملڪ جي امن امان ۽ استحڪام کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان پهچائڻ جي اجازت نه ڏينداسين. هو جمعي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٽيڪس نظام ۾ سڌارن بابت جائزو اجلاس ٿي رهيو آهي

پمز جي واقعي بابت موجوده انڪوائري ڪميٽيءَ تي اعتماد ناهي، ڌار ڪميٽي جوڙي وڃي: پيپلزپارٽي

ڪميٽيءَ کي 30 کان 40 ڏينهن جي واضح مُدي ۾ جاچ مڪمل ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو وڃي: سينيٽر شيري رحمان

افسوسناڪ واقعي تي سياست نه ڪرڻ گهرجي، سياست جو هڪ اهم حصو عوامي مفاد احتساب ۽ جوابدهي آهي

مريضن کي راولپنڊيءَ سميت ٻين اسپتالن طرف منتقل ڪيو پيو وڃي، ان لاءِ سڀ کان پهرين اسپتال جو نظام درست ڪيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر شيري رحمان پمز ۾ پيش آيل ٻاهه واري واقعي جي مڪمل ۽

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ پمز سانحي ۾ فوت ٿي ويل ٻارن لاءِ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ پمز سانحي ۾ فوت ٿي ويل ٻارن لاءِ فاتحه

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

روزانو نبي اڪرم ﷺ جي ناموس تي حملا ٿي رهيا آهن

حڪومت ڪٺ پتلي آهي، ان کي ڪو اختيار ناهي: مولانا عطاءُ الرحمان

پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جو سانحو ٿيو، ان جا ذميوار ڪٿي آهن

اسلام آباد (ه د) مولانا عطاءُ الرحمان چيو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سوشل ميڊيا پروپيگنڊا خلاف نوجوانن جو هاڪاري ۽ بامعنيٰ ڪردار ضروري آهي: فيلڊ مارشل

پاڪ فوج جي سربراهه فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان هارورڊ بزنس اسڪول جي شاگردن ملاقات ڪئي

علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۽ پاڪستان جي سيڪيورٽي منظرنامي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خطي ۾ امن، استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوشش تي روشني وڌي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته سوشل ميڊيا پروپيگنڊا خلاف نوجوانن جو هاڪاري ۽ بامعنيٰ ڪردار ضروري آهي. آءِ ايس پي آر موجب، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان هارورڊ بزنس اسڪول جي شاگردن ملاقات

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان هارورڊ بزنس اسڪول جي شاگردن جي ملاقات دوران ورتل گروپ فوٽو

سنڌ جو هيدان بلاڪ ۽ گئس فيلڊز تي صوبائي حق لاءِ وفاق کان فيصلا ڪرڻ جو مطالبو

مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۾ ملاقات، سوهو ۽ ڪنڊڪوٽ گئس جي فراهمي تي به غور

سنڌ انرجي هولڊنگ ڪمپني کي هيدان بلاڪ الاٽ ڪرڻ ۽ اسٽرينڊڊ، ڊارمنٽ فيلڊز ڏيڻ جو مطالبو

آرٽيڪل 158 تحت گئس پيدا ڪندڙ صوبي کي اوليت ڏيڻ تي زور، التوا هيٺ معاملن جي جلد ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ توانائي (پيٽروليم ڊويزن) واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ جمعي تي هڪ ملاقات ڪئي جنهن ۾ سنڌ جي توانائي شعبي سان لاڳاپيل اهم

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ وفد جي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

پمز واقعي جي مڪمل ۽ جامع جاچ ڪري ڪوتاهي ڪندڙن کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي: سينيٽر جان محمد بليدي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽر جان محمد بليدي پمز ۾ پيش آيل واقعي تي سينيٽ ۾ ڳالهائيندي چيو ته ان واقعي جي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي پمز حادثي جي جاچ لاءِ خاص ڪميٽي قائم ڪرڻ جي رٽ منظور ڪري ورتي

پمز سانحي جي جاچ لاءِ هائوس ڪميٽي ٺاهڻ جو ٺهراءُ سينيٽ مان منظور

سينيٽ جي اجلاس ۾ پمز سانحي تي سخت بحث ٿيو، جنهن دوران واقعي جي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

سينيٽ ۾ پمز سانحي تي بحث لاءِ سوالن جو وقفو به معطل ڪيو ويو، جنهن جي رٽ شيري رحمان پيش ڪئي

ڪميٽي کي اختيار ڏنو وڃي ته اها پنهنجي مدد لاءِ ڪنهن به اداري کي گهرائي سگهي: ميمبر علي ظفر جي تجويز

20 هزار ارب رپين جو قومي بجيٽ هئي، پر پمز نٿا هلائي سگهون، 4 صوبا نٿا هلائي سگهون، 25 ٺاهي ڇڏيا ته ڇا حال ٿيندو: جان محمد بليدي

سڀ کان وڌيڪ عوام جو خادم وزير هوندو آهي، اسان عوام جا نوڪر آهيون ۽ عوام بادشاهين کان تنگ اچي چڪا آهن: شيري رحمان

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سينيٽ جي اجلاس ۾ پمز سانحي تي سخت بحث ٿيو، جنهن دوران واقعي جي ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو سامهون آيو جڏهن ته هائوس ڪميٽي ٺاهڻ جو ٺهراءُ پڻ منظور

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پمز ۾ پيش آيل حادثي جي ذميوارن خلاف ڪارروائي ٿيندي: مصطفيٰ ڪمال

پمز ۾ ٿيل سانحو تمام وڏو آهي، معصوم جانين جو ڪو به نعم البدل نه آهي

شهادتن ۾ ڊجيٽل ۽ ويڊيو ثبوت، موقعي تي موجود ماڻهن جا بيان شامل هوندا

اسلام آباد (اي پي پي) صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) ۾

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ پمز سانحي کي بحث هيٺ آڻڻ جي رٽ منظور

وفاقي وزير قيصر احمد شيخ رولز معطل ڪرڻ جي رٽ پيش ڪئي، ايوان منظوري ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ معمول واري ايجنڊا جي ڪارروائي روڪي پمز سانحي کي بحث هيٺ آڻڻ جي رٽ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ ٻوڏ سبب فوتگين جو انگ 469 تي ويو

کٽمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ اربع ڏينهن آيل تباهي آڻيندڙ ٻوڏ ۽ لينڊسلائيڊنگ سبب ٿيل فوتگين جو انگ 469 تي ويو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

مخصوص سيٽ تي اسيمبلي پهتل افتخار گيلاني آزاد ڪشمير جو 17هون وزيراعظم چونڊجي ويو

چونڊ عمل دوران پيپلز پارٽي جي اميدوار سردار مختار خان رڳو 14 ووٽ حاصل ڪري سگهيو، اسيمبلي ۾ نوازليگ جا 32 ميمبر موجود

بئريسٽر افتخار گيلاني پهريون ڀيرو 2011ع ۾ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو هو

مظفرآباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جو بئريسٽر افتخار گيلاني آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي ۾ 30 ووٽ حاصل ڪري رياست جو 17هون وزيراعظم چونڊجي ويو آهي. چونڊ عمل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مظفرآباد: بئريسٽر افتخار گيلاني آزاد ڪشمير جي 17هين وزيراعظم طور حلف کڻي رهيو آهي

وزيراعظم پاران ٽيڪس چوري، اسمگلنگ ۽ غيرقانوني ڪاروبار خلاف ڪارروائين ۽ ٽيڪس سڌارا يقيني بڻائڻ جو حڪم

حڪومت ملڪي ترقي جي لاءِ ٽيڪس نظام ۾ سڌارا آڻي رهي آهي، ٽيڪس نظام ۾ سڌارن جي لاءِ قدمن جي لاڳو ڪي مقرر مدي ۾ مڪمل ڪيو وڃي ۽ سڌارن جي ٿرڊ پارٽي آڊٽ يقيني بڻائي وڃي

ٽيڪس نظام کي جديد، ٺوس ۽ ڊيٽا تي ٻڌل بڻائڻ جي لاءِ آئرس 3.0 نئين ٽيڪس آپريٽنگ ماڊل ۽ سينٽرل ڊيٽا حب تي مرحليوار ڪم جاري، آئرس 3.0 جي ڊيزائن جي لاءِ عالمي ڪنسلٽنٽس جون خدمتون ورتيون آهن

وزيراعظم ڊيجيٽلائيزيشن، پيداوار جي نگراني ۽ خودڪار نظام کي ايف بي آر سڌارن جو اهم ٿنڀ قرار ڏيندي ٽيڪس چوري، اسمگلنگ ۽ غيرقانوني ڪاروبار جي خلاف موثر ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي

اجلاس ۾ اعظم نذير تارڙ، ڊاڪٽر مصدق مسعود، احد چيما، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ، شزه فاطمه، بلال اظهر ڪياني، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، ايف بي آر چيئرمين ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽيڪس چوري، اسمگلنگ ۽ غيرقانوني ڪاروبار جي خلاف موثر ڪارروايون تيز ڪرڻ ۽ ايف بي آر ۾ سڌارا مقرر مدي جي اندر مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته حڪومت ملڪي ترقي جي لاءِ ٽيڪس نظام ۾ سڌارا آڻي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت کي حيدرآباد-سکر موٽر وي معاملي تي واضح ٽائم لائين ڏيڻ گهرجي: شرجيل ميمڻ

روهڙي 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جي اپ گريڊيشن سان گڏ موٽر وي به صوبي لاءِ اهم آهن

وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اڻٽر آهي

موٽر وي مڪمل ٿيڻ سان واپار، زراعت، صنعت ۽ روزگار کي هٿي ملندي، وفاقي حڪومت فوري ڌيان ڏئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي کان روهڙي تائين 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جي اپ گريڊيشن هڪ اهم منصوبو آهي پر سکر-حيدرآباد موٽر وي ۾

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو حڪومت ۽ اپوزيشن جي نمائندگي تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪئي وڃي: راجا پرويز اشرف

اسلام آباد (اي پي پي) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي راجا پرويز اشرف چيو آهي ته پمز سانحي جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پمز واقعي جي جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سمورين حقيقتن ايوان ۽ عوام آڏو رکيون وينديون: سينيٽر افنان الله خان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان مسلم ليگ (ن) سان تعلق رکندڙ سينيٽر افنان الله خان چيو آهي ته پمز واقعي جي جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سمورين حقيقتن ايوان

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان سبزي فروش مارجي ويو

خضرا مسجد پرسان موٽرسائيڪل سوار ٻن هٿياربندن عمران بٽ رياض تي فائرنگ ڪئي

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي نمبر 5 ۾ موٽرسائيڪل تي سوار هٿياربندن سبزي فروش کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه وفاقي وزير آءِ ٽي ۽ ٽيليڪميونيڪيشن شزا فاطمه خواجه سان ملاقات ڪندي

ڪوئيٽا: بلوچستان جو وڏو وزير مير سرفراز بگٽي پوليس ڊجيٽل انيشيئيٽوز جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڄي ملڪ جي وي اسٽيشنز کي سئو سيڪڙو پاڻمرادو بڻائڻ جو حڪم

وفاقي وزير عبدالعليم خان جي صدارت هيٺ ايڪسل لوڊ ڪنٽرول رجيم بابت اجلاس ٿيو

ڪنهن به منصوبي ۾ رڳو موجوده حالتن نه پر ايندڙ 20 سالن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان ايڪسل لوڊ ڪنٽرول رجيم جي مستقل ۽ پائيدار حل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ سعودي عرب اسٽريٽجڪ ڀائيوار آهن: شهباز شريف

پراڻن لاڳاپن کي مضبوط واپاري ۽ سيڙپڪاري ڀائيواري ۾ تبديل ڪنداسين

پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪي معاهدي سڄي خطي ۾ اتحاد ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ گهري ڀائيواري لاڳاپن کي اجاگر

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس ۾ اعليٰ سطحي بدليون، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ نوان ڊي آءِ جي مقرر

شيراز نظير عباسي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ناصر آفتاب کي ڊي آءِ جي سکر رينج مقرر ڪيو ويو

نعيم احمد شيخ کي ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ سنڌ مقرر ڪيو ويو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس ۾ اعليٰ سطحي بدليون ۽ مقرريون، شيراز نذير عباسي کي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو رينج مقرر

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير جام اڪرام ڌاريجو سان مختلف وفدن جون ملاقاتون، مسئلا پيش

صوبائي وزير پاران لاڳاپيل عملدارن کي موقعي تي ئي ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون

وفدن پاران عوامي مسئلن تي توجهه ۽ فوري قدمن تي صوبائي وزير جا ٿورا مڃيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پنهنجي آفيس ۾ مختلف وفدن سان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪارادر اسپتال ۾ اسپيچ ٿراپي يونٽ ۽ نئين پيڊياٽرڪ آءِ سي يو جو افتتاح

صحت جون سهولتون عوام تائين آسان نموني پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون: مرزا اختيار بيگ

اسان جي اخلاقي ذميواري آهي ته ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ پنهنجي توانائي ۽ وسيلا وقف ڪريون: محمد بشير جان

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) ڪارادر جنرل اسپتال ۾ اسپيچ ٿراپي يونٽ ۽ نئين پيڊياٽرڪ آءِ سي يو جي افتتاحي تقريب

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڪارادر جنرل اسپتال جو صدر محمد بشير جان محمد ايم اين اي مرزا اختيار بيگ کي شيلڊ پيش ڪندي

سنڌ ۾ جي سمورن نرسنگ ڪاليجن لاءِ گڏيل داخلا پاليسي متعارف ڪرائڻ جو فيصلو

سرڪاري ۽ خانگي ڪاليجن مان هر سال ۾ 5 هزار نرسز پاس آئوٽ ٿين ٿيون: عذرا فضل پيچوهو

ايشيائي ترقياتي بئنڪ سان نئين نرسنگ پاليسي تي ڳالهيون ٿيون آهن، جلد عمل ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي ته صوبي ۾ نرسز جي شديد کوٽ کي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کان روهڙي 480 ڪلوميٽر ريلوي ٽريڪ جو ڪم ايندڙ سال شروع ٿيندو: حنيف عباسي

ڪراچي ۾ گورنر نهال هاشمي سان وفاقي وزيرن حنيف عباسي ۽ علي پرويز ملڪ ملاقات ڪئي

ٿر مان روزانو 11 هزار ٽن ڪوئلو موهن گرڊ تائين منتقل ٿي رهيو آهي: وفاقي وزير ريلوي

پارٽ، گاڏين، معدنيات ۽ ايل پي جي جي منتقلي جو سلسلو جلد شروع ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي چيو آهي ته ڪراچي کان روهڙي تائين 480 ڪلوميٽر ڊگهي ريلوي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم کي دنيا مان ايڏيون دعوتون ملن ٿيون، پريشان آهيون ته ڪاڏي وڃون؟ اسحاق ڊار

برطانوي پرڏيهي وزير سان پاڪستاني شين جي برطانيا ڏانهن برآمد وڌائڻ تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي

برطانوي وزيرن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ڏانهن دنيا جي مختلف ملڪن مان ايترا دعوتناما اچن ٿا، جو چونڊڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو جڏهن ته سندس قيادت ۾ ڀارت خلاف ڪاميابي تاريخ ۾ سنهري اکرن سان لکبي. لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اسحاق ڊار چيو ته

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پمز سانحي جهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ ايڊهاڪ قدمن بدران مستقل ۽ ادارتي نظام جوڙيو وڃي: سينيٽر بلال احمد

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽر بلال احمد خان چيو آهي ته پمز سانحي جهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ ايڊهاڪ قدمن بدران مستقل ۽ ادارتي نظام جوڙيو وڃي. جمعي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ وفاقي حڪومت وچ ۾ ڊجيٽل گورننس، ڊيٽا ۽ مصنوعي ذهانت تي سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ وفاقي وزير شيزا فاطمه خواجه ۾ ملاقات، نيشنل ڊجيٽل ماسٽر پلان تي غور

سنڌ 50 کان وڌيڪ ڊجيٽل قدم کنيا آهن، صوبائي ضرورتن ۽ ڊيٽا جي مالڪي برقرار رکڻ جو فيصلو

صحت، زراعت، هائوسنگ، مالي خدمتن ۽ تجارت ۾ ڊجيٽل تبديلي تيز ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوشش تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جمعي تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن جي وفاقي وزير محترمه شيزا فاطمه خواجه سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ڊيجيٽل نيشن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي ٽيليڪميونيڪيشن جي وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه (پي ايس اي بي) وچ ۾ ايم او يو تي صحيحن دوران بيٺل آهي

پمز واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري کين قانون موجب جوابده بڻايو وڃي: سينيٽر فيصل جاويد

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽر فيصل جاويد پمز ۾ تازو ڄاول ٻارن جي سڙي فوت ٿيڻ واري واقعي تي گهري ڏک ۽ ڏک جو اظهار ڪندي واقعي جي ذميوارن جو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پمز سانحي بابت ڪميٽي کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سينيٽ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پمز سانحي بابت قائم ڪيل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي اگهن ۾ گهٽتائي جو رجحان، جنسن جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ جمعي ڏينهن ڪچي تيل ۽ سون جي اگهن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران پاڪستان جي عوام ۽ حڪومت پاران نيپال جي قيادت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي عوام ۽

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

مير رضا علي ڪيس، جوڊيشل ڪميشن شفاف جاچ ۽ پوليس ڪارڪردگي جو جائزو وٺندو

جسٽس عمر سيال مقتول جي والد مير حسين سان رابطو ڪري انصاف جي خاطري ڪرائي

واقعي بابت جوڊيشنل ڪميشن ۾ ٿيندڙ ڪارروائي سڀني جي سامهون رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا علي ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جي سربراهه جسٽس عمر سيال ۽ مير رضا علي جي والد مير حسين وچ ۾ اهم ڳالهه ٻولهه ٿي. جسٽس عمر سيال چيو ته 19

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

گاڏين جي چوري ڦر خلاف ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن: آءِ جي سنڌ

سينٽرل پوليس آفيس ۾ اي وي ايل سي جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

منظم گروهن، سهولتڪارن ۽ خريد و فروخت ڪندڙن خلاف بنا فرق ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ پوليس جي اي وي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، ڪالعدم تنظيم جو مبينا ٽارگيٽ ڪلر گرفتار

گرفتار جوابدار سيد محمد عسڪري عابدي ريڊ بڪ جي انتهائي گهربل ماڻهن ۾ شامل آهي

جوابدار جي قبضي مان ڪلاشنڪوف ۽ هٿ گولا هٿ آيا، سندس سائين ۽ نيٽ ورڪ بابت جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سي ٽي ڊي آپريشن ڪراچي وفاقي سول حساس اداري سان گڏجي وڏي ڪارروائي ڪندي ڪالعدم دهشتگرد تنظيم سپاهِ محمد سان لاڳاپيل مبينا ٽارگيٽ ڪلر سيد محمد عسڪري

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ معصوم ٻارڙي سميت 9 ڄڻا فوت، 3 زخمي

نيو ڪراچي ۾ ٻن موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ نوجوان شاهين فوت، بهادر آباد ۾ حادثي سبب حسن فوت ٿي ويو

سائٽ ايريا نورس چورنگي ۽ گلستان جوهر ۾ الڳ الڳ واقعا، نامعلوم ماڻهن جا لاش هٿ آيا

اورنگي ٽائون ۾ کليل پاڻي جي ٽانڪي ۾ ڪري ڏيڍ سال جي معصوم منتشا ڌيءَ عبدالله فوت ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت ۽ معصوم ٻارڙي سميت 9 ڄڻا مارجي ويا ۽ 3 ڄڻا ٻيا زخمي ٿي پيا. نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا سيڪٽر 7 ۾

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال جو هارورڊ بزنس اسڪول جي شاگردن سان ورتل گروپ فوٽو

حيسڪو جون بجلي چورن خلاف ڪارروايون، 281 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا

حيدرآباد (پ ر) حيسڪو ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايت تي بجلي چورن ۽ نادهندگان خلاف بلا تفريق ڪارروايون جاري آهن

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ رجسٽرار آفيس 27هين آئيني ترميم خلاف درخواست وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

جسٽس (ر) شبر رضا رضوي طرفان سپريم ڪورٽ ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف درخواست داخل ڪئي وئي

ان نوعيت جون درخواستون وفاقي آئيني عدالت ۾ داخل ڪري سگهجن ٿيون: سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار جو موقف

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار آفيس 27هين آئيني ترميم خلاف درخواست وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جسٽس (ر) شبر رضا رضوي طرفان سپريم ڪورٽ ۾ 27هين آئيني ترميم خلاف درخواست داخل ڪئي وئي، جنهن کي رجسٽرار آفيس وصول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ رجسٽرار آفيس موقف اختيار ڪيو ته ان نوعيت جون

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران محمد سليم راجپوت کي سيڪريٽري سروس مقرر ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب محمد سليم راجپوت کي سيڪريٽري سروس مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي جيلن لاءِ نيون بڪتر بند گاڏيون ۽ جديد هٿيار عملدارن حوالي ڪيا ويا

صوبائي وزير علي حسن زرداري جي تقريب ۾ شرڪت، جيلن جي سيڪيورٽي مضبوط ڪرڻ جي هدايت

قيدين جي محفوظ منتقلي ۽ هاءِ سيڪيورٽي وارن جيلن ۾ اهلڪارن جي صلاحيت وڌائڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير جيل خانه جات ۽ ورڪس اينڊ سروسز علي حسن زرداري هڪ پروقار تقريب ۾ شرڪت ڪئي جتي سنڌ جي جيل خانه جات کاتي لاءِ نيون بڪتر بند پرسنل ڪيريئرز (APCs) ۽ سب

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس: جوڊيشل ڪميشن پاران معلومات ڏيندڙ لاءِ لک رپيا انعام جو اعلان

ڪميشن جي چيئرمين جسٽس عمر سيال پاران شفاف جاچ ۽ حقيقتون سامهون آڻڻ جو عزم

سي سي ٽي وي، پوسٽ مارٽم، نرسري ملازمن ۽ پوليس اهلڪارن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس، شفاف جاچ ۽ حقيقتون سامهون آڻڻ جو عزم مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿيو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فنڪشنل اڳواڻ سردار عبدالرحيم سان سندس ڀاءُ جي لاڏاڻي تي مختلف شخصيتن جي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سان سندس ڀاءُ مرحوم سردار حنيف جي لاڏاڻي تي تعزيت ۽ فاتحه

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا 5 مبينا ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

زمان ٽائون، گلبهار ۽ سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس ڌاڙيلن سان مقابلا ڪري گرفتاريون ڪيون

گرفتار ڪيل جوابدارن جي قبضي مان هٿيار موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زمان ٽائون، گلبهار ۽ سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس مبينا مقابلن کانپوءِ 5 ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪلز سميت ٻيو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حليم عادل شيخ پاران فنڪشنل اڳواڻ سردار عبدالرحيم جي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم جي ڀاءُ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران بصارت کان محروم ڀيڻ ڀاءُ کي نوڪري نه ڏيڻ تي ڪاوڙ ظاهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بصارت کان محروم ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي نوڪري نه ڏيڻ تي سنڌ حڪومت تي عدالت جي سخت ڪاوڙ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ ڪي ڊي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

FLOODS IN A CLIMATE CHANGE PRESENT

اسلام آباد: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

ڏينهن چارسده ۾ فيڊرل ڪانسٽيبلري ٽريننگ سينٽر شب قدر جي دوري جي موقعي تي خطاب ڪري رهيو هو. وفاقي وزير محسن نقوي اينٽي رائٽ ونگ جي خصوصي تربيتي مشقن جو معائنو ڪيو ۽ اهلڪارن جي پيشيوارانه صلاحيتن، جديد تربيت ۽ آپريشنل تياري کي ساراهيو. وفاقي وزير اينٽي رائٽ ونگ جي اهلڪارن جون مختلف عملي مشقون ڏٺيون. اهلڪارن هجوم کي ڪنٽرول ڪرڻ، حساس هنڌن جي تحفظ، پُرتشدد صورتحال کي منهن ڏيڻ ۽ امن امان برقرار رکڻ بابت پنهنجي پيشيوارانه مهارت جو عملي مظاهرو ڪيو. گهرو وزير محسن نقوي جو چوڻ هو ته اينٽي رائٽ فورس کي جديد رخن تي تربيت ڏني وئي آهي. امن امان جي ڪنهن به صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ فورس مڪمل طور تي تيار ۽ ڀرپور صلاحيت رکي ٿو. هن چيو ته احتجاج جي آڙ ۾ تشدد، ڀڃ ڊاهه، سرڪاري يا نجي ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ ۽ امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪنهن کي اجازت نٿي ڏني سگهجي.

بقايا 2 روزاني عبرت

غير جانبداراڻي جاچ لاءِ سينيٽ جي بااختيار ڪميٽي جوڙڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڪميٽيءَ کي 30 کان 40 ڏينهن جي واضح مُدي ۾ جاچ مڪمل ڪرڻ جو ٽاسڪ ڏنو وڃي. جمعي ڏينهن سينيٽ اجلاس ۾ پمز واقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته اِن افسوسناڪ واقعي تي سياست نه ڪرڻ گهرجي جڏهن ته سياست جو هڪ اهم حصو عوامي مفاد احتساب ۽ جوابدهي آهي. هن چيو ته سينيٽ ۾ عوامي مفادن جا معاملا اُٿارڻ به سياست ئي آهي ۽ اِن جو مقصد مسئلن جي نشاندهي ۽ عملدارن کي جوابده بڻائڻ آهي. سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته هوءَ پاڻ به صحت جي وزير رهي چڪي آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

خواني ڪرائي وئي. ايم اين اي شازيه مري ايوان ۾ اعتراض واري نقطي تي چيو ته پمز ۾ فوت ٿي ويل ٻارن لاءِ فاتحه خواني ڪرائي وڃي. ڊپٽي اسپيڪر جي چوڻ تي ايوان ۾ وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري پمز سانحي ۾ فوت ٿي ويل ٻارن لاءِ فاتحه خواني ڪرائي.

بقايا 4 روزاني عبرت

ته پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جو سانحو ٿيو ان جا ذميوار ڪٿي آهن؟ پمز سانحي ۾ متاثر ٿيل مائرون روئي رهيون آهن هُن مطالبو ڪيو ته جيڪا به ڪميٽي ٺاهي وڃي، ان کي ڊيڊ لائين ڏني وڃي حڪومت هن وقت هڪ ڪٺ پتلي آهي ۽ ان جو ڪو اختيار ناهي. هن چيو ته عالمي قوتن جي چوڻ تي انهن جو ايجنڊا پورو ڪندڙن کي عبرت جو نشان بڻائڻ گهرجي. هڪ جوڙي کي ڇهن پنجن سالن ڪانپوءِ اولاد ٿيو ۽ اهو به سانحي ۾ فوت ٿي ويو. جيڪڏهن اهو واقعو جاڻي واڻي ان لاءِ ڪيو ويو ته جيئن اسان ان ۾ مصروف ٿي وڃون ۽ اهي پنهنجو ڪم ڪندا رهن ته معاملو انتهائي سنگين آهي. هن چيو ته روزانو نبي اڪرم ﷺ جي ناموس تي حملا ٿي رهيا آهن. هتي قاديانين کي کليل ڇوٽ ڏني وئي آهي. اصل ذميوارن کي عبرت جو نشان بڻائڻ گهرجي.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڪئي جنهن دوران علائقائي ۽ عالمي صورتحال ۽ پاڪستان جي سيڪيورٽي منظرنامي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خطي ۾ امن استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششن تي روشني وڌي ۽ نوجوانن لاءِ تعليم مهارتن، ڪاروباري صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ ۽ حقيقتن تي ٻڌل تجزيي کي ڪم آڻڻ جي اهميت تي زور ڏنو. فيلڊ مارشل چيو ته نوجوان نسل کي حقيقتن تي ٻڌل سوچ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. سوشل ميڊيا پروپيگنڊا خلاف نوجوانن جو هاڪاري ۽ بامعنيٰ ڪردار ضروري آهي. آءِ ايس پي آر موجب، هارورڊ بزنس اسڪول جي شاگردن پاڪستان جي دوري جي تجربن کي شاندار قرار ڏنو آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

سنڌ لاءِ اوترو اهم منصوبو آهي جنهن تي وفاقي حڪومت کي فوري طور تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ جي وڏن شهرن ۽ صنعتي ۽ واپاري مرڪزن جي وچ ۾ بهتر روڊ رابطو معاشي ترقي لاءِ اٽل آهي. جڏهن ته حيدرآباد-سکر موٽر وي ڪاروباري سرگرمين، سفري سهولتن ۽ واپاري رابطن ۾ بهتري لاءِ انتهائي اهميت وارو آهي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سکر-حيدرآباد موٽر وي جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو سنڌ جي مختلف شهرن ۽ علائقن جي وچ ۾ سفري رابطا بهتر ٿيندا پر واپار، زراعت، صنعت ۽ روزگار جي موقعن کي به هٿي ملندي. هن چيو ته وفاقي حڪومت کي سنڌ جي اهم روڊ ۽ ريلوي منصوبن کي هڪجيتري اوليت ڏيڻ گهرجي. ريلوي ٽريڪ سان گڏ، سکر-حيدرآباد موٽر وي تي عملي اڳڀرائي پڻ ضروري آهي. سنڌ جا ماڻهو ڊگهي عرصي کان حيدرآباد-سکر موٽر وي جا منتظر آهن، تنهن ڪري منصوبي بابت صرف اعلانن جي بدران واضح ۽ عملي اڳڀرائي ٿيڻ گهرجي.

بقايا 7 روزاني عبرت

جاچ لاءِ پارليامينٽ جي ڪميٽي جوڙي وڃي پمز سانحي ۾ فوت ٿي ويل ٻارن جي والدين ۽ وارثن کان معافي گهرون ٿا. جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ اعتراض واري نقطي تي راجا پرويز اشرف پمز سانحي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته صحت جي سمورن شعبن جو نئين سر جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي اڄ واقعي جو ٽيون ڏينهن آهي جڏهن ته باهه لڳڻ جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا. ڇا اتي ڪو ڪيئر ٽيڪر موجود هو ته باهه لڳندي ئي ٻارن کي اتان ڪڍي. هن چيو ته ٻارن جي چوري روڪڻ لاءِ دروازا بند ڪرڻ جي ڳالهه سمجهه کان مٿانهين آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ عوام آڏو رکيون وينديون هن چيو ته حڪومت معاملي کي انتهائي احتياط سان ڏسي رهي آهي جمعي ڏينهن سينيٽ جي اجلاس ۾ پمز اسپتال سانحي تي اپوزيشن ميمبرن پاران اٿاريل نڪتن جو جواب ڏيندي سينيٽر افنان الله خان چيو ته جاچ جا نتيجا اڄ رات يا سڀاڻي صبح تائين سامهون اچڻ جو امڪان آهي. هن چيو ته جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سموريون حقيقتون ايوان ۽ عوام آڏو رکيون وينديون.

بقايا 9 روزاني عبرت

متاثر خاندان واقعي کي مزاحمت ڪندڙ ڦورن پاران ڦر جي ڪوشش قرار ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ جو سبب فوري طور تي طئي نه ٿي سگهيو آهي. ميڊيا کي مليل رپورٽن موجب نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ۾ خضره مسجد نمبر 5 جي ويجهو فائرنگ ۾ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو. کيس ايڌي ايمبولينس ذريعي نازڪ حالت ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو.

بقايا 10 روزاني عبرت

درخواستون وفاقي آئيني عدالت ۾ داخل ڪري سگهجن ٿيون. واضح رهي ته سپريم ڪورٽ آفيس ان کان اڳ به 27هين ترميم خلاف هڪ درخواست وٺڻ کان انڪار ڪيو.

بقايا 11 روزاني عبرت

جڏهن ته علي احمد بلوچ کي سيڪريٽري ايڪسائيز مقرر ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 12 روزاني عبرت

مشين گنز (SMGs) باضابطا طور حوالي ڪيون ويون. تقريب جو مقصد جيلن جي سيڪيورٽي انفراسٽرڪچر کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ، قيدين جي محفوظ منتقلي ۽ حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي قدمن کي هٿي ڏيڻ هو. صوبائي وزير علي حسن زرداري تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. نون شامل ڪيل بڪتر بند گاڏين ۽ جديد هٿيارن سان پوليس ۽ جيل اختيارين کي هاءِ سيڪيورٽي واري ماحول ۾ وڌيڪ مؤثر نموني پنهنجا فرض انجام ڏيڻ ۾ مدد ملندي. اهو قدم "محفوظ سنڌ لاءِ محفوظ جيل نظام" جي ويزن جي عڪاسي ڪري ٿو.

بقايا 13 روزاني عبرت

جنهن ۾ ڪميشن جي چيئرمين جسٽس عمر سيال چيو ته واقعي جي جاچ شفاف طريقي سان ڪئي ويندي ۽ حقيقتون سامهون آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. جسٽس عمر سيال چيو ته جوڊيشل ڪميشن ۾ ٿيندڙ ڪارروائي سڀني جي سامهون هوندي ۽ ڪا به ڳالهه لڪائي نه ويندي جيڪو به چاهي، ڪميشن ۾ اچي ڪارروائي ڏسي سگهي ٿو هن چيو ته ڪميشن وٽ جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ 30 ڏينهن جو وقت آهي ان دوران حتمي نتيجن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ڪميشن جو مقصد شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ عوام جو ادارن تي اعتماد بهتر بڻائڻ آهي. جسٽس عمر سيال موجب ڪيس بابت معلومات رکندڙ ماڻهن سان رابطو ڪرڻ لاءِ اشتهار جاري ڪيو ويندو جڏهن ته سرڪاري اي ميل ۽ واٽس ايپ نمبر پڻ جاري ڪيو ويندو. ڪيس بابت خاص ۽ اهم معلومات فراهم ڪندڙ شخص کي هڪ لک رپيا انعام ڏنو ويندو. ڪميشن واقعي واري ان هنڌ تي پڻ نوٽيس لڳائڻ جي هدايت ڪئي جتي مير رضا جو لاش مليو هو. سنڌ حڪومت کي ڪيس سان لاڳاپيل پوليس آفيسرن ۽ ڊاڪٽرن جي فهرست سميت ڪيس ۾ حاصل ٿيل سمورن شاهدن ۽ ثبوتن بابت معلومات فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا 14 روزاني عبرت

سامان هٿ ڪري ورتو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب زمان ٽائون پوليس مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو جن جي سڃاڻپ 27 ورهين جي دلدار ولد گلشن ۽ 30 ورهين جي طارق ولد عبدالله طور ٿي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان هڪ پسٽول گولين سميت، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. ٻئي طرف گلبهار پوليس خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات حاجي مريد گوٺ، لياري ايڪسپريس وي جي ويجهو ندي ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. زخمي جوابدارن کي علاج لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ 35 ورهين جي آصف ولد منظور ۽ 30 ورهين جي دانيال ولد سهيل طور ٿي آهي. گرفتار جوابدارن وٽان به پسٽول گولين سميت، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي.

بقايا 15 روزاني عبرت

خواني جو سلسلو جاري آهي. اڳوڻي وڏي وزير سنڌ سيد غوث علي شاهه، اڳوڻي صوبائي وزير امتياز شيخ، اسٽيٽ لائف انشورنس ڪارپوريشن جي چيئرمين سليم ضياءَ، اڳوڻي صوبائي وزير عرفان الله مروت، سردار شير محمد رند، ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ارشد شر، جسقم ڪراچي ڊويزن جي صدر الاهي بخش بڪڪ، پي ايف يو جي جي اڳوڻي صدر ۽ سينيئر صحافي جي ايم جمالي، سينيئر ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجا، سينيئر صحافين شاهد جتوئي ۽ نديم رضا، ايس ايس پي شهاب الدين جهانزيب مري بلوچ ايڊووڪيٽ، فخري ڊان ڊاڪٽر قمبر علي مري، فنڪشنل ليگ جي اڳواڻن جمشيد خان نعيم سجاد، اسامه جعفري، قادر لغاري، حبيب راڄپر عبدالحق چنا، سيد مزمل شاهه امتياز لغاري، قلندر بخش درس، فرحان عالم ۽ حسن امام سميت ٻين سياسي، سماجي شخصيتن، وڪيلن، صحافين ۽ معززن سردار عبدالرحيم سان ملاقات ڪري مرحوم سردار حنيف جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي.

بقايا 16 روزاني عبرت

سردار حنيف جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. حليم عادل شيخ پنهنجي تعزيتي بيان ۾ چيو ته سردار حنيف جي لاڏاڻي جي خبر انتهائي ڏک ۽ افسوس جو سبب بڻجي آهي. هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ سردار عبدالرحيم ۽ سندس خاندان جي غم ۾ برابر جو شريڪ آهيان.

بقايا 17 روزاني عبرت

اي پاران بصارت کان محروم ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي نوڪري نه ڏيڻ ۽ عدالتي حڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ تي سنڌ حڪومت تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. جسٽس عدنان الڪريم ميمڻ ريمارڪس ڏيندي چيو ته عدالتي حڪم کي 3 مهينا گذري ويا آهن، پر اڃا تائين ان تي عملدرآمد ناهي ٿي سگهيو. عدالت توهين عدالت جي درخواست ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ کي ڌر بڻائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته درخواستگذارن جي وڪيل کي توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي.

بقايا 18 روزاني عبرت

ٽريڪ جي تعمير جو ڪم ايندڙ سال شروع ڪيو ويندو. گورنر سنڌ نهال هاشمي سان وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي ملاقات ڪئي، جنهن ۾ مملڪتي وزير کيل داس ڪوهستاني، فهد هارون ۽ ٻيون شخصيتون پڻ شريڪ ٿيون. ملاقات دوران وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي ٻڌايو ته ريلوي کاتو جلد بارڻ گاڏين معدنيات ۽ ايل پي جي جي منتقلي جو سلسلو شروع ڪندو.

بقايا 19 روزاني عبرت

ختم ڪرڻ ۽ نرسنگ جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ نئين پاليسي ۽ قانونسازي تي ڪم جاري آهي جڏهن ته نرسنگ ڪاليجن لاءِ گڏيل داخلا پاليسي متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ايشيائي ترقياتي بئنڪ سان پڻ ان حوالي سان ڳالهيون جاري آهن. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ صحت واري سيڪريٽري طاهر سانگي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته نرسز جي وڏي کوٽ آهي ۽ ڪيترائي نرسز بهتر موقعن جي تلاش ۾ پرڏيهه وڃي رهيا آهن. هن چيو ته سرڪاري ۽ خانگي نرسنگ ڪاليجن مان هر سال لڳ ڀڳ 5 هزار نرسز پاس آئوٽ ٿين ٿا، پر نرسز جي وڌندڙ ضرورت کي نظر ۾ رکندي ان انگ ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

کي خطاب ڪندي مشهور ڪاروباري شخصيت ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مرزا اختيار بيگ چيو ته انسانيت جي خدمت وڏي عبادت آهي ۽ جيڪي شخصيتون ۽ ادارا تعليم ۽ صحت جون سهولتون عوام تائين آسان نموني پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن اهي ملڪ ۽ قوم جو قيمتي اثاثو آهن. هن چيو ته ڪارادر جنرل اسپتال جون خدمتون حيران ڪندڙ آهن ۽ گهٽ آمدني وارن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ هڪ نعمت جي حيثيت رکن ٿيون. هن چيو ته ٻارن جي بيمارين خاص طور تي آٽزم جي علاج لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن اسپتال جي صدر محمد بشير جان محمد ۽ چيئرمين اسپتال مئنيجمينٽ ڪميٽي پروفيسر عبدالغفار بلوچ جي سماجي خدمتن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي مشهور صنعتڪار ۽ اسپتال جي صدر محمد بشير جان محمد چيو ته لياري ۽ ان سان لاڳاپيل آبادين کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ، ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي تعليم ۽ تربيت سان گڏ ڪميونٽي ريسرچ جو اهم فريضو هو اڳتي به انجام ڏيندا رهنداسين. هن چيو ته هن ملڪ اسان کي تمام گهڻو نوازيو آهي، تنهن ڪري اها اسان جي اخلاقي ذميواري آهي ته ملڪ ۽ قوم جي بهتري لاءِ پنهنجي توانائي ۽ وسيلا وقف ڪريون. تقريب کي خطاب ڪندي مشهور طبي محقق ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ جي اڳواڻ پروفيسر عبدالغفار بلوچ چيو ته معاشري ۾ ڪيترائي اهڙا شعبا آهن جن ۾ ڪم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 21 روزاني عبرت

ملاقاتون ڪيون ۽ انهن جا مسئلا تفصيل سان ٻڌا. صوبائي وزير وفدن پاران پيش ڪيل مسئلن جي فوري حل لاءِ موقعي تي ئي لاڳاپيل عملدارن کي لازمي هدايتون جاري ڪيون ۽ مسئلن کي وقت سر حل ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي ملاقات لاءِ آيل وفدن صوبائي وزير پاران انهن جي مسئلن کي توجهه سان ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ فوري قدمن تي جام اڪرام الله ڌاريجو جو ٿورو ادا ڪيو. وفدن صوبائي وزير جي وقت تي سهڪار ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ انهن جي ڪوششن کي ساراهيو.

بقايا 22 روزاني عبرت

ڪيو ويو ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ شيراز نذير عباسي کي لاڙڪاڻو مقرر ڪيو ويو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ناصر آفتاب کي ڊي آءِ جي سکر رينج مقرر ڪيو ويو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب کي ڊي آءِ جي سکر مقرر ڪيو ويو نعيم احمد شيخ کي ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ سنڌ مقرر ڪيو ويو نعيم احمد شيخ کي ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ جو عهدو ڏنو ويو آهي. پوسٽنگ جي انتظار ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه هڪ سرڪاري نوٽيفڪيشن جاري ڪيو.

بقايا 23 روزاني عبرت

ڪندي چيو آهي ته ٻئي ملڪ اسٽريٽجڪ پائيدار آهن ۽ پنهنجن پراڻن لاڳاپن کي مضبوط واپاري ۽ سيڙپڪاري پائيداري ۾ تبديل ڪندا. مڪ مُڪرم گڏيل دفاعي معاهدي سان پاڪستان سعودي عرب ۽ ترڪيه وڌيڪ ويجهو آيا آهن. معاهدي سڄي خطي ۾ اتحاد ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سعودي عرب جي ماحول پاڻي ۽ زراعت واري وزير انجنيئر عبدالرحمان بن عبدالمحسن الفضلي سان ڳالهه ٻولهه دوران ڪيو جنهن جمعي ڏينهن هتي وزيراعظم هائوس ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب، وزيراعظم سعودي وزير ۽ سندس وفد جي آجيان ڪندي چيو ته ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهرا پائيدار لاڳاپا قائم آهن. هن خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز آل سعود ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز آل سعود لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته سعودي عرب، ترڪيه ۽ پاڪستان جي وچ ۾ تازي ٿيندڙ مڪ گڏيل دفاعي معاهدي سان ٽئي ملڪ وڌيڪ ويجهو آيا آهن ۽ ان معاهدي پوري خطي ۾ اتحاد ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي.

بقايا 24 روزاني عبرت

لاءِ سمورين قانوني ۽ آپريشنل رڪاوٽون ختم ڪرڻ جي مقصد سان اين ايڇ اي جي قانوني فريم ورڪ ۾ هڪ هفتي اندر ضروري ترميمون آڻڻ فيڪٽرين تي ڏنڊ لڳائڻ ۽ موٽر ويز ۽ قومي شاهراهن تي جديد ترين ڪئميرائن ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي مڪمل آٽوميشن لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. اها هدايت هن جمعي ڏينهن ايڪسل لوڊ ڪنٽرول رجيم بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڏني. اجلاس ۾ مواصلات وارو سيڪريٽري، اين ايڇ اي جو چيئرمين، آءِ جي موٽر وي پوليس، ڊي جي اين ايل سي ۽ ڊي جي ايف ڊبليو سميت لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. وفاقي وزير واضح ڪيو ته قانوني ترميمن جو بنيادي مقصد ايڪسل لوڊ لاڳو ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ سمورين قانوني ۽ آپريشنل رڪاوٽن کي پاڙ کان ختم ڪرڻ آهي ته جيئن قومي اثاثا يعني رستن جي انفرا اسٽرڪچر کي تباهي کان بچائي سگهجي. هن چيو ته ٽرڪن تي وڌيڪ وزن ڍوئڻ جو سبب بڻجندڙ فيڪٽرين جي باقاعده نشاندهي ڪري هاڻي انهن تي به وڏو ڏنڊ لڳايو ويندو. عبدالعليم خان ٽرانسپورٽرز کي گاڏين جي ڊزائين تي واضح رهنمائي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته گاڏين تي اهڙي غير ضروري سامان جي استعمال کي روڪيو وڃي جيڪو رڳو گاڏي جو وزن وڌائڻ جو سبب بڻجندا آهن. وفاقي وزير سڄي ملڪ جي وي اسٽيشنز کي 100 سيڪڙو آٽوميٽڪ بڻائڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته سمورين مال بردار گاڏين جو وي اسٽيشنز تان گذرڻ لازمي قرار ڏنو وڃي ته جيئن قطارن ۽ وقت جي زيان جو خاتمو ٿئي.

بقايا 25 روزاني عبرت

رهي آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ايف بي آر ۾ سڌارن تي هفتيوار جائزه اجلاس جمعي ڏينهن هتي ٿيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم کي اجلاس ۾ "پرال" جي نئين سر تنظيم سازي تي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ٽيڪس نظام ۾ سڌارن جي لاءِ قدمن جي لاڳو ڪرڻ مقرر مدي ۾ مڪمل ڪيو وڃي ۽ سڌارن جي ٿرڊ پارٽي آڊٽ يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم چيو ته ملڪي ترقي جي لاءِ ٽيڪس نظام ۾ سڌارن جو لاڳو ڪري رهيا آهيون. هن ڊيجيٽلائيزيشن، پيداوار جي نگراني ۽ خودڪار نظام کي ايف بي آر سڌارن جو اهم ٿنڀ قرار ڏيندي ٽيڪس چوري، اسمگلنگ ۽ غيرقانوني ڪاروبار جي خلاف مؤثر ڪارروائي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن ايف بي آر ۾ سٺي شهرت رکندڙ گڏز ايپليٽيرز جي مقرري جي عمل کي خوش آئنده قرار ڏيندي چيو ته ايف بي آر چيئرمين ۽ سندس ٽيم جي ان حوالي سان ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. اجلاس ۾ ايف بي آر ۾ جاري سڌارن خاص طور تي "پرال" جي نئين سر جوڙجڪ، ٽيڪس نظام جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ اسمگلنگ جي تدارڪ جي لاءِ کنيل قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ٽيڪس نظام کي جديد، ٺوس ۽ ڊيٽا تي ٻڌل بڻائڻ جي لاءِ آئرس 3.0، نئين ٽيڪس آپريٽنگ ماڊل ۽ سينٽرل ڊيٽا حب تي مرحليوار ڪم جاري آهي. آئرس 3.0 جي ڊيزائن جي لاءِ عالمي ڪنسلٽنٽس جون خدمتون ورتيون ويون آهن. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته پرال ۾ ٽيڪنالاجي، ڊيٽا سيڪيورٽي آپريشنز ۽ ٽيڪس ڊومين سميت مختلف شعبن ۾ نئين سينئر قيادت جون مقرريون ڪيون ويون آهن جڏهن ته آئرس 3.0 تحت ٽيڪس نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ، آٽو ٽيڪس جي تصور کي پائيليٽ ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ مصنوعي ذهانت ۽ مشين لرننگ کي ٽيڪس وصولي بهتر بڻائڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي منصوبي تي ڪم جي تيزي سان جاري آهي. ڪسٽمز جي شعبي ۾ فيس ليس اسيسمينٽ جي مثبت اثرن بابت اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جنوري کان جون 2026ع دوران في گڊز ڊيڪليريشن سراسري ريونيو ۾ 12 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته فيس ليس اسيسمينٽ جي نتيجي ۾ في گڊز ڊيڪليريشن جي اوڳاڙين ۾ بهتري سان گڏوگڏ درآمدي بي ضابطگين جي نشاندهي ۽ نگراني ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. ڪسٽمز اسيسمينٽ جي نظام کي وڌيڪ ٺوس بڻائڻ جي لاءِ 280 گڏز ايپليٽيرز جي ڀرتي جو عمل حتمي مرحلن ۾ آهي. اسلام آباد ۾ سينٽرل اسيسمينٽ يونٽ قائم ڪرڻ تي پڻ اڳڀرائي جاري آهي. عبوري انتظام تحت يونٽ 31 ڊسمبر 2026ع تائين فعال ڪرڻ جڏهن ته مڪمل ٺوس سهولت جي جون 2027ع تائين نئين ڪمپليڪس ۾ فعال ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جولاءِ 2025ع ۾ ڊيجيٽل انوائسنگ جي ذريعي 236 بلين رپين جي ٽرانزيڪشنز ٿيون جڏهن ته جولاءِ 2026ع ۾ ان جو ڪاٽو 2.5 ٽريلين رپين جي سطح کي عبور ڪري ورتو ۽ ڊسمبر 2026ع تائين ڊيجيٽل انوائسنگ جي ذريعي 4 ٽريلين رپين جي ٽرانزيڪشنز جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. اسمگلنگ جي تدارڪ جي حوالي سان اجلاس کي ٻڌايو ويو ته پيٽروليم مصنوعات جي غيرقانوني چرپر جي روڪٿام جي لاءِ سمورن قانوني پيٽرول پمپس جي جي آءِ ايس ٽيگنگ، جي پي ايس جي ذريعي پيٽروليم مصنوعات جي ٽريڪنگ، آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين جي اي آر پي نظام کي ٽريڪر سان ڳنڍڻ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي لاءِ مرڪزي ٽريڪنگ ايپ سميت ڪيترائي قدم مڪمل ڪيا ويا آهن. راهه – گذر ايپ جي ذريعي اڍائي هزار غيرقانوني پيٽرول پمپس کي بند ڪرائي انهن جي خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي جڏهن ته پيٽروليم مصنوعات جي وکري جي ڊيجيٽل نگراني ۽ ٻين قدمن تي پڻ ڪم جاري آهي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته ايف بي آر سڌارن جا سمورا قدم مقرر مدي جي اندر مڪمل ڪيا وڃن ۽ سڌارن جي عمل جي شفافيت، موثريت ۽ پائيداري جي لاءِ ٿرڊ پارٽي آڊٽ يقيني بڻائي وڃي. وزيراعظم ٽيڪس نظام کي جديد ۽ موثر بڻائڻ، ريونيو وصولي ۾ اضافي ۽ اسمگلنگ جي مڪمل تدارڪ جي لاءِ سڌارن تي عملدرآمد وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ وفاقي وزيرن اعظم نذير تارڙ، ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ احد خان چيمه، محمد اورنگزيب، عطاءُ الله تارڙ شزه فاطمه خواجه مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، قومي اسيمبلي ميمبر عثمان اويسي، اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، ايف بي آر چيئرمين ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 26 روزاني عبرت

آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب نيپال جي پوليس ٻڌايو ته امدادي ۽ ڳولا وارين ڪارروائين دوران جمعي جي صبح تائين 469 ماڻهن جا لاش ڪڍيا ويا آهن جڏهن ته متاثر علائقن ۾ سرچ ۽ ريسڪيو آپريشن جاري آهي. پوليس موجب هيستائين 1545 ماڻهن کي حفاظت سان ريسڪيو ڪيو ويو آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

منظور ڪري ورتي. جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ اعتراض واري نقطي تي پيپلزپارٽي جي ايم اين اي شازيه مري چيو ته ايوان ۾ معمول جو ايجنڊا جي ڪارروائي معطل ڪندي پمز سانحي کي بحث هيٺ آندو وڃي. ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه چيو ته سڀني پارٽين جي ميمبرن ان تي اتفاق ڪيو هو ان لاءِ رولز معطل ڪري ان تي بحث ڪرايون ٿا. وفاقي وزير قيصر احمد شيخ رولز معطل ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي جنهن جي ايوان منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا 28 روزاني عبرت

پيش آيل حادثي جي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ڪنهن کي به نه ڇڏيو ويندو. جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ پمز اسپتال ۾ پيش آيل حادثي تي بحث دوران هن چيو ته پمز ۾ ٿيل سانحو تمام وڏو آهي معصوم جانين جو ڪو به نعم البدل نه آهي، 14 ٻار شهيد ٿيا آهن ۽ اسان ان واقعي جي ذميواري قبول ڪيون ٿا. هن چيو ته وزيراعظم ۽ اعليٰ اختيارين تي ٻڌل ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي ۽ ٽي او آرز ۾ اهم شيون شامل آهن گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ان حوالي سان تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. شهادتون جن ۾ ڊجيٽل ۽ ويڊيو ثبوت، موقعي تي موجود ماڻهن جا بيان شامل هوندا، جي بنياد تي فيصلو ٿيندو. ڪميٽي جي شروعاتي رپورٽ اڄ جمعي تي ڪرائي ويندي. هن ايوان کي يقين ڏياريو ته ان سانحي جو جيڪو به ذميوار هوندو ان کي نه ڇڏيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته سينيٽ مان پڻ تجويزون آيون آهن ايم اين ايز ۽ سينيٽرن تي مشتمل هڪ ڪميٽي هجڻ گهرجي ۽ ان لاءِ ڪو وقت نه ڏنو وڃي اهو صرف 14 ٻارن جو معاملو نه آهي هر سال پاڪستان ۾ تازا ڄاول 4 لک ٻار فوت ٿين ٿا ۽ روزانو اهو انگ 1300 ٿئي ٿو اسان کي پنهنجي ٻارن کي حادثن کان بچائڻو آهي. هن چيو ته صحت واري وزارت ايوان سامهون گهربل تفصيل فراهم ڪندي.

بقايا 29 روزاني عبرت

اهم عوامي معاملي تي التوا واري رٿ پيش ڪرڻ چاهي ٿي تنهنڪري ايوان جي باقي ڪارروائي معطل ڪري ڪيس رٿ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. اسپيڪر اويس قادر شاهه صوبائي وزير قانون ۽ پارلياماني معاملن ضياءَ الحسن لنجار سان مشاورت ڪانپوءِ نغار کهڙي کي رٿ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. ضياءَ الحسن لنجار چيو ته اهو انتهائي اهم معاملو آهي ان ڪري ڪيس رٿ پيش ڪرڻ تي ڪو اعتراض ناهي. نغار کهڙي چيو ته ملڪ ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ۽ مختلف خبرن ۽ قياس آرائين جو سلسلو جاري آهي. هي معاملو صوبن لاءِ انتهائي اهم نوعيت جو آهي. تنهنڪري سنڌ اسيمبلي جا ميمبر به چاهين ٿا ته ايوان ۾ هن موضوع تي کلي بحث ڪيو وڃي. اسپيڪر اويس قادر شاهه التوا واري رٿ بحث لاءِ منظور ڪندي رولنگ ڏني ته ان تي سومر ڏينهن ٻن ڪلاڪن تائين بحث ڪيو ويندو. جڏهن ته ميمبر چاهين ته بحث کي وڌيڪ ڏينهن تائين پڻ جاري رکي سگهجي ٿو ايوان اڪثريتي راءِ سان رٿ منظور ڪئي جنهن ڪانپوءِ سنڌ اسيمبلي ۾ نون صوبن جي معاملي تي سومر ڏينهن باقاعده بحث شروع ٿيندو ان کان اڳ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ شروع ٿيو ڪارروائي جي شروعات ۾ پي ايس 30 تان چونڊيل نئين ميمبر اسفنديار ڪرل سنڌي ٻولي ۾ رڪنيت جو حلف کنيو ايوان پمز اسلام آباد ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي سميت ٻين المناڪ واقعن تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق پمز اسپتال ۾ نون ڄاول ٻارن جي باهه لڳڻ واري واقعي ۾ فوت ٿيڻ ۽ مير رضا جي قتل تي دعاءِ مغفرت جي درخواست ڪئي. ٻين ميمبرن پڻ فوت ٿيل نون ڄاول ٻارن ۽ سندن والدين لاءِ صبر جي دعا ڪئي. اسپيڪر موجوده اجلاس لاءِ چار نون پينل آف چيئرمينز جي نالن جو اعلان ڪيو جن ۾ ندا کهڙو، صابر قائم خاني ۽ ڊاڪٽر سڪندر شورو پڻ شامل آهن. اجلاس دوران قانون، پارلياماني معاملن ۽ پراسيڪيوشن کاتي بابت سوالن جو وقفو ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير قانون ضياءَ الحسن لنجار ميمبرن جي مختلف لکت ۽ ضمني سوالن جا جواب ڏنا. پي ٽي آءِ جي ميمبر شبير قريشي جي سوال جي جواب ۾ ضياءَ الحسن لنجار ٻڌايو ته سنڌ ۾ پراسيڪيوٽر آفيسرن ۽ اهلڪارن لاءِ رهائشي گهرن جي تعمير واري اسڪيم 2021ع ۾ مڪمل ٿيڻي هئي، پر مختلف سببن جي ڪري ان ۾ دير ٿي. هن چيو ته حيدرآباد ۽ سکر ريجن ۾ اسڪيم تي ڪم جاري آهي ۽ آخري مرحلن ۾ داخل ٿي چڪو آهي. منصوبي جي لاڳت 33 ڪروڙ رپيا آهي، جڏهن ته تعميراتي ڪم جي نگراني سنڌ هاءِ ڪورٽ جا فاضل جج ڪري رهيا آهن ۽ اسڪيم جلد مڪمل ٿي ويندي. سوالن واري وقفي دوران مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو ته اڄ ايوان جو ساؤنڊ سسٽم شايد صحيح نموني ڪم نه ڪري رهيو آهي، جنهن سبب سوالن واري وقفي دوران ڪنهن جو سوال به واضح طور سمجهه ۾ نٿو اچي سجاد سومرو سنڌ ۾ اٽارني جي ڀرتي بابت طريقيڪار معلوم ڪيو جنهن تي ضياءَ الحسن لنجار ٻڌايو ته اها 18هين گريڊ جي پوسٽ آهي ۽ ان لاءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ٽيسٽ ورتو هو جنهن ۾ 67 اميدوار پاس ٿيا. ايم ڪيو ايم جي ميمبر راشد خان چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هن وقت اهم موضوع بڻيل آهي ان تي ضياءَ الحسن لنجار چيو ته هن وقت قانون کاتي بابت سوال هلي رهيا آهن جڏهن گهرو کاتي بابت سوالن جو وقفو ٿيندو ته ان وقت سوال ڪيو وڃي. اجلاس دوران ايم ڪيو ايم جي ميمبر عامر صديقي لسٻيلا ۾ ٽريفڪ جي شديد رش بابت التوا واري رٿ پيش ڪرڻ چاهي، پر صوبائي گهرو وزير پاران مسئلو حل ڪرڻ جي خاطري ڪرائڻ ڪانپوءِ هن پنهنجي رٿ واپس وٺي ڇڏي اسپيڪر پڻ کيس صلاح ڏني ته هو گهرو وزير سان ملاقات ڪري معاملو حل ڪرائي. سنڌ اسيمبلي جي ڪارروائي دوران سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ترميمي بل، انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن ترميمي بل ۽ سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس ترميمي بل پڻ منظور ڪيا ويا. اهي ٽيئي بل صوبائي وزير قانون ضياءَ الحسن لنجار پيش ڪيا. بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سومر ڏينهن منجهند 2 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا 30 روزاني عبرت

معاملن جو جائزو ورتو ويو انهن معاملن ۾ سنڌ انرجي هولڊنگ ڪمپني لميٽيڊ (SEHCL) کي هيدان بلاڪ ڏيڻ غير فعال ۽ ڊيپل گئس فيلڊز جي الاٽمينٽ، سوهو ۽ ڪنڊڪوٽ فيلڊز مان گئس جي فراهمي ۽ سوئي سدرن گئس ڪمپني (SSGC) سان لاڳاپيل ٻيا التوا ۾ پيل معاملا شامل هئا. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن گڏجاڻي ۾ وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف ۽ سيڪريٽري انرجي شهاب انصاري شرڪت ڪئي جڏهن ته پيٽروليم سيڪريٽري حميد يعقوب شيخ ايڊيشنل سيڪريٽري پيٽروليم ظفر عباس، ايس ايس جي سي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر امين راجپوت ۽ پاڪستان اسٽيٽ آئل (PSO) جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جواد احمد چيما پڻ گڏجاڻي ۾ شريڪ هئا. ملاقات دوران وڏي وزير ڪيترن ئي عرصي کان التوا هيٺ پيل معاملن تي وفاق پاران وقت سر فيصلن جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته سنڌ جي توانائي وسيلن کي صنعتي ترقي، روزگار جي موقعن، توانائي جي تحفظ ۽ اقتصادي اڳڀرائي لاءِ ڪارائتو بڻائڻ گهرجي. ڳالهه ٻولهه جو وڏو مرڪز هيدان بلاڪ (2767-3) هو جنهن لاءِ سنڌ انرجي هولڊنگ ڪمپني لميٽيڊ فيبروري 2025 ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل (CCI) جي فيصلن ۽ پيٽروليم ايڪسپلوريشن اينڊ پروڊڪشن پاليسي 2012 تحت درخواست جمع ڪرائي هئي. وڏي وزير چيو ته انرجي ڊپارٽمينٽ، وزيراعليٰ آفيس ۽ ڊائريڪٽوريٽ جنرل پيٽروليم ڪنسيشنز (DGPC) پاران بار بار خط و ڪتابت ڪرڻ جي باوجود اهو معاملو اڃا تائين التوا هيٺ آهي. مراد علي شاهه چيو ته سنڌ سمورين طريقيڪار ۽ قانوني گهرجون پوريون ڪري چڪي آهي.

بقايا 31 روزاني عبرت

مڪمل ۽ جامع جاچ ڪرائي وڃي ۽ ڪوتاهي ڪندڙ ذميوارن جو تعين ڪري کين منطقي انجام تائين پهچايو وڃي هن چيو ته اهو ڏسڻ جي ضرورت آهي ته اسان ماڻهن جي زندگين ۽ انهن جي مسئلن جي حوالي سان ڪيترا سنجيده آهيون. پمز جهڙن اهم سرڪاري اسپتالن ۾ ان قسم جا واقعا انتهائي ڳڻتي جوڳا آهن. جتي پارليامينٽ جا ميمبر وزير ۽ سينيٽرن سميت وڏي انگ ۾ اهم شخصيتون به علاج لاءِ اچن ٿيون سينيٽر جان محمد چيو ته اسپتال جي سربراهه جي مقرري يا ترقيءَ جي حوالي سان پارليامينٽيرينز طرفان اعتراضن باوجود بيورو ڪريٽس نظام ان ئي طريقي کي جاري رکڻ چاهي ٿو جيڪو افسوسناڪ آهي.

بقايا 32 روزاني عبرت

ڪيو ويو سينيٽ جو اجلاس پريزائيڊنگ آفيسر منظور احمد ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ شروع ٿيو جنهن ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علامه راجا ناصر عباس معمول جي ڪارروائي معطل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو جنهن تي سينيٽر شيري رحمان رٿ پيش ڪئي. جنهن بعد سينيٽ معمول جي ڪارروائي معطل ڪري پمز سانحي تي بحث شروع ڪري ڇڏيو سينيٽ ۾ پمز سانحي تي بحث لاءِ سوالن جو وقفو به معطل ڪيو ويو جنهن جي رٿ شيري رحمان پيش ڪئي. اجلاس ۾ حڪومت پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن آرگنائيزيشن ري آرگنائيزيشن ترميمي بل 2026ع واپس وٺي ڇڏيو بل واپس وٺڻ جي رٿ آءِ ٽي واري وزير بدران مملڪتي وزير طلال چوڌري پيش ڪئي. سينيٽر علي ظفر پمز واقعي تي خيالن جو اظهار ڪندي واقعي جي مڪمل جاچ جو مطالبو ڪيو هن چيو ته پمز واقعي جي ذميواري هر ان شخص تي آهي جيڪو بجيٽ منظور ڪرڻ ۾ شامل هو هن چيو ته اسان صحت جي بجيٽ ۾ ڪٽوتي سان غريب ماڻهو جي صحت تي پوندڙ اثرن جي نشاندهي ڪئي هئي.

بقايا 33 روزاني عبرت

دوران پيپلز پارٽي جي اميدوار سردار مختار خان رڳو 14 ووٽ حاصل ڪري سگهيو اسيمبلي ۾ مسلم ليگ (ن) جا ڪل 32 ميمبر موجود آهن جڏهن ته 7 سيٽن تي اڃا تائين چونڊن جو عمل مڪمل ٿيڻو آهي ياد رهي ته بئريسٽر افتخار گيلاني ان کان اڳ تعليم واري وزير جا فرض پڻ انجام ڏئي چڪو آهي بئريسٽر افتخار گيلاني پهريون ڀيرو 2011ع ۾ آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو هو. موجوده اسيمبلي ۾ هو ٽيڪنوڪريٽ جي سيٽ تي مسلم ليگ (ن) جي ٽڪيٽ ذريعي ڪاميابي حاصل ڪري ايوان ۾ پهتو هو. سندس نامزدگي تي پارٽي قيادت گذريل اهم اجلاس ۾ منظوري جي مهر هڻي هئي.

بقايا 34 روزاني عبرت

ڪامن ويلٿ جو سيڪريٽري جنرل نوجوانن بابت پاڪستان جي ڪم مان خوش آهي. برطانوي پرڏيهي وزير ايڊ ملي بينڊ سان ڪجهه هفتا اڳ منيلا ۾ ملاقات ٿي هئي. جنهن دوران دهشتگردي جي خاتمي، واپار ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون ٿيون پاڪستاني شين جون برطانيا ڏانهن برآمدون وڌائڻ تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ اتفاق ڪيو ويو ته پاڪ-برطانيا واپار کي وڌيڪ وڌايو ويندو.

بقايا 35 روزاني عبرت

پاڪستان فريم ورڪ، نيشنل ڊيجيٽل ڪميشن (NDC)، نيشنل ڊيجيٽل ماسٽر پلان، ڊيٽا گورننس، آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI) ۽ سنڌ جي ڊيجيٽل قدمن کي قومي ڊيجيٽل ايسوسيئيشن سان هم آهنگ ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير سان گڏ وفاقي سيڪريٽري آءِ ٽي اينڊ ٽيليڪام ضرار هاشم خان، پاڪستان ڊيجيٽل اٿارٽي (PDA) جو چيئرمين ڊاڪٽر سهيل منير ۽ اگنائيٽ جو سي اي او بلال عباسي موجود هئا. وڏي وزير جي مدد لاءِ سنڌس آءِ ٽي بابت خاص مددگار علي راشد، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل، آءِ ٽي سيڪريٽري آغا سهيل ۽ ايس آءِ ٽي سي (SITC) جو سي اي او زين العابدين شاهه ۽ ٻيا پڻ شريڪ هئا. آءِ ٽي جي وفاقي وزير محترمه شيزا فاطمه خواجه وڏي وزير کي ڊيجيٽل نيشن پاڪستان ائڪٽ 2025 ۽ وفاقي حڪومت جي ڊيجيٽل سوسائٽي، ڊيجيٽل معيشت ۽ ڊيجيٽل گورننس جو ماحولياتي نظام قائم ڪرڻ جي ويزن بابت بريفنگ ڏني. بريفنگ دوران نيشنل ڊيجيٽل ڪميشن جي ڪردار تي روشني وڌي وئي.

بقايا 36 روزاني عبرت

ڏينهن سينيٽ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري، عملي مشقن ۽ شهرين جي سکيا جو باقاعده نظام ضروري آهي. هن سول ڊفينس جي نظام کي اثرائتي طور تي فعال ڪرڻ ۽ اهڙن واقعن مان سبق حاصل ڪندي عملي سڌارا يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو.

بقايا 37 روزاني عبرت

تعين ڪري کين قانون موجب جوابده بڻائڻ ۽ سانحي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ تي زور ڀريو آهي. جمعي ڏينهن سينيٽ اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي هن چيو ته صحت ۽ تعليم ملڪ جون بنيادي ترجيحون هجڻ گهرجن ۽ انهن شعبن ۾ موثر سيڙپڪاري ذريعي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن ٿيون. هن چيو ته پمز ۾ پيش آيل واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي.

بقايا 38 روزاني عبرت

ڪميٽي کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. جڏهن ته رپورٽ اچڻ کان پوءِ معاملي تي وڌيڪ ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي. هن چيو ته سينيٽ ۾ ان معاملي تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ۽ لاڳاپيل وزير پڻ پنهنجو موقف واضح ڪيو آهي. ڪميٽي ٺاهڻ جو مقصد معاملي جي مڪمل جاچ ڪري حقيقت کي سامهون آڻڻ آهي. ان لاءِ ان جي رپورٽ جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

بقايا 39 روزاني عبرت

۾ گهٽتائي جو رجحان رهيو. جڏهن ته جنسن جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ ٿيو. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب ڪموڊٽي مارڪيٽ ۾ ڪاروباري سرگرمين دوران آمريڪي ڪچي تيل ڊبليو ٽي آءِ فيوچر آئل جا آڪٽوبر لاءِ معاهدا 0.49 ڊالر جي گهٽتائي سان 83.04 ڊالرز في بيرل ۾ طئي ٿيا جڏهن ته برينٽ ڪروڊ جا آڪٽوبر لاءِ سودا 0.42 ڊالر جي گهٽتائي سان 89.28 ڊالرز في بيرل طئي ٿيا. ڪاروباري سرگرمين دوران سون جو اگهه 32.10 ڊالرن جي گهٽتائي سان 4631.90 ڊالر في اونس ۽ چاندي جو اگهه 0.54 ڊالرن جي گهٽتائي سان 69.70 ڊالر في اونس جي سطح تي اچي ويو جڏهن ته مڪئي جا ڊسمبر لاءِ معاهدا 3.75 ڊالرن جي اضافي سان 537.25 ۽ ڪڻڪ جا ڊسمبر لاءِ سودا 6.25 ڊالرن جي بهتري سان 767.00 ڊالر في بشل ۾ طئي ٿيا.

بقايا 40 روزاني عبرت

حڪومت پاران نيپال جي قيادت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي مشڪل جي هن گهڙيءَ ۾ هر ممڪن تعاون ۽ امداد جي آڇ ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جمعي ڏينهن جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف نيپال جي وزيراعظم بالندر شاهه کي ٽيليفون ڪئي. وزيراعظم نيپال ۾ تازي ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ جي نتيجي ۾ قيمتي جانين جي زيان ۽ وڏي پيماني تي ٿيندڙ تباهي تي دلي تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 41 روزاني عبرت

آگسٽ تي اوهان جي وڪيل سنڌ جي وڏي وزير کي خط لکيو هو جڏهن ته 22 آگسٽ تي سنڌ حڪومت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي خط لکيو. هن چيو ته اوهان جي تنقيد جائز آهي جوڊيشل ڪميشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيندو اهو سڀني جي سامهون ٿيندو. هن چيو ته هينئر تائين جيڪو ڪجهه ٿيندو رهيو آهي اهو بند ڪمرن ۾ ٿيندو رهيو آهي. جسٽس عمر سيال چيو ته ڪميشن جي ڪوشش هوندي ته اوهان جي سوالن جا جواب ڳوليا وڃن. انڪوائري ۽ انويسٽيگيشن ۾ فرق هوندو آهي.

بقايا 42 روزاني عبرت

ايل سي شعبي جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي ۽ آپريشن ڊي آءِ جيز اسٽيبلشمينٽ ۽ هاءِ وي پيٽرول يونٽ، ايس ايس پي اي وي ايل سي، اي آءِ جيز آپريشنز ۽ ايڊمن، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آءِ ٽي سميت ٻين پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ايس ايس پي اي وي ايل سي پاران شعبي جي مجموعي ڪارڪردگي، مختلف قدمن ۽ چوري ٿيل ٽوڙي ڦر ٿيل گاڏين جي برآمدگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو هدايت ڪئي ته چوري ٿيل گاڏين جي اسپيئر پارٽس ۽ ٻين سامان جي خريد ۽ وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي. هن چيو ته گاڏين جي چوري ۾ ملوث منظم گروهن، انهن جي سهولتڪارن ۽ چوري ٿيل گاڏين جي خريد ۽ وڪري ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 43 روزاني عبرت

عابدي کي گرفتار ڪري ورتو. سي ٽي ڊي موجب گرفتار دهشتگرد وٽان هڪ هينڊ گرنيڊ ۽ هڪ ڪلاشنڪوف هٿ ڪئي وئي آهي. گرفتار ملزم جو نالو سي ٽي ڊي جي ريڊ بڪ ايڊيشن 10 ۾ انتهائي گهربل ماڻهن جي فهرست ۾ شامل هو جڏهن ته هو ڊگهي عرصي کان روپوش هو. سي ٽي ڊي موجب گرفتار دهشتگرد ڪراچي ۾ ٻيهر پنهنجو نيٽ ورڪ منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ابتدائي جاچ دوران ملزم جي دهشتگردي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جي مختلف وارداتن ۾ ملوث هجڻ جا انڪشاف سامهون آيا آهن. سي ٽي ڊي جو چوڻ آهي ته ملزم پنهنجي ٻين دهشتگرد ساٿين سان گڏ مختلف وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي. ملزم ساٿين سان گڏ پهريان هدفن جي ريڪي ڪندو هو ۽ پوءِ انهن کي نشانو بڻائيندو هو.

بقايا 44 روزاني عبرت

24 ڪلاڪ هوٽل ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ هڪ شخص فوت ٻار سميت 2 ماڻهو زخمي ٿي پيا. چيپا ايمبولينس جي رضاڪارن موجب حادثي ۾ فوت ٿي ويل جي سڃاڻپ 28 سالن جو شاهين ولد عبدالرحيم طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين ۾ علي حسن ولد غلام محمد ۽ 7 سالن جو احمد ولد رجب علي جي نالن سان ٿي آهي. زخمين کي چيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو جتان هڪ سخت زخمي شخص کي ابتدائي طبي امداد ڪانپوءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته حادثو هڪ نامعلوم تيز رفتار گاڏي سان ٽڪرائجڻ سبب پيش آيو چيو پيو وڃي. پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. بهادرآباد ڏوراجي مريم مسجد ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار هڪ نوجوان فوت ٿي ويو جنهن جي لاش کي چيپا رضاڪارن جناح اسپتال پهچايو. ريسڪيو عملدارن موجب فوت ٿيل جي سڃاڻپ 20 سالن جي حسن جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو موٽرسائيڪل تي سوار هو. سائيٽ ايريا اي ٿاڻي جي حد سائيٽ ايريا نورس چورنگي بائيڪو پمپ جي ويجهو نالي مان نامعلوم شخص جو لاش مليو. گلستان جوهر ٿاڻي جي حد ڪراچي يونيورسٽي سامهون ڊائو ڊينٽل ڪاليج جي ويجهو بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو.

بقايا 45 روزاني عبرت

بجلي چورن ۽ جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ۽ نادهندگان کان 100% واجبات جي وصولي ڪرڻ آهي. حيسڪو انتظاميا جي ڊي ايس يو (ڊسڪو سپورٽنگ يونٽ) جي مدد سان بجلي چورن ۽ نادهندگان خلاف ريجن ڀر جي مختلف سب ڊويزن صدر قاسم آباد، چمبڙ، پريٽ آباد، ٽنڊو نوابشاهه -2، سيٽلائيٽ ٽائون ۽ مير واهه گورچاڻي جي سب ڊويزن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون. ريجن ڀر ۾ 281 غير قانوني ڪنيڪشن منقطع ڪيا، 8 ميٽر پي وي سي قبضي ۾ ورتي وئي. 1455 غير قانوني تار ڪٽي تحويل ۾ ورتي وئي جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 23 لک کان وڌيڪ وصولي ڪئي وئي. 19 جنوري 2025 کان جاري آپريشن دوران هينئر تائين 69614 غير قانوني ڪنيڪشن منقطع ڪيا ويا آهن جڏهن ته 1050 ملزمان کي گرفتار ڪيو ويو 3108 عدالتي اليڪٽرڪ ميٽر منقطع ڪيا ويا. 386648 ميٽر پي وي سي منقطع ڪئي وئي آهي. 866 ٽرانسفارمر منقطع ڪيا ويا آهن جڏهن ته واجبات مان 1 ارب 43 ڪروڙ 81 لک 70 هزار کان وڌيڪ ريڪوري ڪئي وئي آهي. تفصيلن موجب حيسڪو آپريشن ايس اي حيدرآباد سرڪل عقيل نور ميمڻ جي هدايت تي ڊويزن صدر قاسم آباد ۽ چمبڙ سب ڊويزن ۾ ڪارروايون دوران 190 غير قانوني ڪنيڪشن منقطع، 8 ميٽر پي وي سي قبضي ۾ ورتي وئي. 1150 غير قانوني تار ڪٽي تحويل ۾ ورتي وئي. جڏهن ته واجبات جي مد ۾ 19 لک کان وڌيڪ ريڪوري ڪئي وئي. حيسڪو آپريشن ايس اي ميرپور خاص سرڪل فرمان علي ڏاهائي جي هدايت تي سب ڊويزن سيٽلائيٽ ٽائون ۽ مير واهه گورچاڻي سب ڊويزن ۾ ڪارروايون دوران 24 غير قانوني ڪنيڪشن منقطع، 70 غير قانوني تار ڪٽي تحويل ۾ ورتي وئي.

سنڌ حڪومت
اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو

ٽينڊر نوٽيس

اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتي، سنڌ حڪومت پاران ايس پي پي آر اي (SPPRA) جي اي پيڊز (EPADS) پورٽل تي لاڳاپيل ٽئڪس عملدارن ۽ EPADS, SPPRA سان رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان هيٺ ڄاڻايل ٽينڊر لاءِ آن لائين آڇون گهربل آهن:

ٽينڊر جو عنوان	پروگرامن جا نالا	طريقيڪار	بڊ سيڪيورٽي
مذهبي سرگرمين جي فروغ لاءِ سامان/خدمتن جي فراهمي ۽ انتظامڪاري (ايونٽ مئنيجمينٽ)	i. احترامِ محرم ڪانفرنس ii. ميلاد المصطفيٰ ڪانفرنس iii. سيرت النبي ڪانفرنس iv. بين المذاهب هم آهنگي ڪانفرنس v. مسابقہ قرئت (مقابلا قرئت) vi. مسابقہ قرئت (صوبائي سطح) vii. علماءِ ۽ مشائخ ڪانفرنس viii. محفل سماع ix. افطار ڊنر (صوبائي سطح)	هڪ مرحلي تي ٻه لفافي	5%

ٽينڊر جي في ۽ تاريخون:
ٽينڊر في: -/5,000 رپيا (ناقابلِ واپسي)
اجراءِ جي شروعاتي تاريخ ۽ وقت: 1 سيپٽمبر 2026 صبح 09:00 وڳي کان | اجراءِ جي آخري تاريخ ۽ وقت: 15 سيپٽمبر 2026 منجهند 12:00 وڳي تائين
جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت: 1 سيپٽمبر 2026 صبح 09:00 وڳي کان 15 سيپٽمبر 2026 منجهند 02:00 وڳي تائين
کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: 15 سيپٽمبر 2026 منجهند 02:30 وڳي

ٽينڊر دستاويز EPADS, SPPRA جي ويب سائيٽ www.portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر دستاويز/آڇ (بڊ ضمانت/بياني جي ڪاپي ۽ ٻين دستاويزن سان گڏ) EPADS, SPPRA جي ويب سائيٽ www.portalsindh.eprocure.gov.pk تي جمع/اپلوڊ ٿيڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي (Bid Security) جي اصل ڪاپي آڇ کولڻ جي وقت کان اڳ ڊي ڊي او (D.D.O)، اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو 8 ماڙ، اسٽيٽ لائيف بلڊنگ نمبر 11، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي جي دفتر ۾ لازماً وصول ٿيڻ گهرجي. آڇ انهي تاريخ ۽ هنڌ تي حاضر ٽينڊر واڪ ڏيندڙن يا انهن جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کولي ويندي.

مهرباني ڪري يقيني بڻايو ته بڊ سيڪيورٽي (Bid Security)، پي آرڊر (Pay Order) يا ڊمانڊ ڊرافٽ (Demand Draft) جي شڪل ۾ ڊي ڊي او، اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتي جي نالي تي جمع ڪرائي وڃي.

نوٽ: 1. اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو ايس پي پي رول 2010 (ترميم شده) جي لاڳاپيل شق جي تحت ڪنهن به آڇ کي رد ڪرڻ يا آڇ جي عمل کي منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
2. صرف اهائي آڇ قبول ڪئي ويندي جيڪا معاون دستاويزات سان گڏ آن لائين اپلوڊ ڪيل هوندي.

ڊرائنگ ۽ ڊسبرسنگ آفيسر (D.D.O)
اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتو، سنڌ حڪومت
پتو: 8 ماڙ، اسٽيٽ لائيف بلڊنگ نمبر 11، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي
فون: 021-99203611

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/3733/2026

نمبر: S/EPA/2025/08/27/EIA-437/300/2026
انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي
حڪومت سنڌ
تاريخ: 27 آگسٽ 2026
پلاٽ نمبر ST-2/1، سيڪٽر-23، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪراچي – 74900
فون: 021-35065950, 35065621, 35065946
اي ميل: epasindh@cyber.net.pk | فيڪس نمبر: 021-35065940

سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي

پبلڪ نوٽيس

سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي (SEPA) پاران اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته پروجيڪٽ ڊائريڪٽر، سنڌ ڪوسٽل ريزيلئنس سيڪٽر پروجيڪٽ، اريگيشن ڪمپونينٽ (پروپونينٽ) واقع نزد قاسم چوڪ، سامهون SIDA آفيس، حيدرآباد، سنڌ پاران ٺٽي، سجاول ۽ بدين ضلعن جي ساحلي علائقن لاءِ "سنڌ ڪوسٽل ريزيلئنس سيڪٽر پروجيڪٽ" جي انوائرنمينٽل اينڊ سوشل امپيڪٽ اسيسمينٽ (ESIA) رپورٽ جمع ڪرائي وئي آهي. سنڌ ڪوسٽل ريزيلئنس پروجيڪٽ (SCRSP) جاپان فنڊ فار پراسپيرس اينڊ ريزيلئينٽ ايشيا اينڊ دي پيسفڪ (JFR) جي مالي تعاون سان آهي ۽ سنڌ جي ساحلي علائقن جي خوشحالي ۽ مضبوطيءَ جي ترقيءَ لاءِ معاونت فراهم ڪري ٿو. ساحلي خطي ۾ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ طبعي ماحول جي هر وقت بهتري ضروري آهي. SCRSP مضبوطيءَ جي بنيادي جزن کي مستحڪم ڪندو: يعني اهي بنيادي طبعي ۽ غير طبعي عناصر جيڪي تحفظ فراهم ڪن ٿا، صحت ۽ غذائي تحفظ کي بهتر بڻائين ٿا ۽ ساحلي علائقن جي برادرين جي پائيدار ترقيءَ کي ممڪن بڻائين ٿا. آئوٽ پٽ 1 ۾ موسمي ۽ آب و هوا جي تبديلين جو مقابلو ڪندڙ مربوط پاڻيءَ جي وسيلن، ڊرينيج، ۽ ٻوڏ جي خطري جي انتظاميا جا حل شامل آهن: ۽ آئوٽ پٽ 2 ۾ ساحلي تحفظ لاءِ قدرتي نظام تي ٻڌل حلن جي بحالي شامل آهي.

ماحولياتي اثرن جي هي رپورٽ باقاعده ماحولياتي اثرن جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ انهن اثرن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪرڻ لاءِ تدارڪي اپاءَ فراهم ڪري ٿي. عام عوام، اسٽيڪ هولڊرز ۽ ماهر ڊائريڪٽر جنرل جي آفيس، سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي واقع: پلاٽ نمبر ST-2/1، سيڪٽر – 23، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪراچي ۾ هن EIA رپورٽ جو معائنو/مشورو ڪري سگهن ٿا. هيءَ رپورٽ ويب سائيٽ www.epa.sindh.gov.pk تي به موجود آهي.

سنڌ EPA جي طرفان مڪلي جيمخانه، نزد ايس ايس پي هائوس مڪلي، مين روڊ، ضلعو ٺٽو سنڌ، پاڪستان ۾ 11 سيپٽمبر 2026 تي صبح 10:30 وڳي هڪ عوامي ٻڌڻي منعقد ڪئي ويندي جنهن ۾ پروپونينٽ پروجيڪٽ بابت پريزنٽيشن ڏيندو. عام عوام، لاڳاپيل شهرين، سول سوسائٽي تنظيمن ۽ ٻين سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي درخواست ڪئي وڃي ٿي ته هو هن عوامي ٻڌڻيءَ ۾ شرڪت ڪن. باقي تمام ماڻهو جيڪي تحريري طور تي پنهنجي راءِ يا خدشا پيش ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا، اهي هن نوٽس جي اشاعت جي 10 ڏينهن جي اندر مٿي ڏنل پتي تي يا اي ميل epasindh@gmail.com ذريعي ڊائريڪٽر جنرل، سنڌ EPA ڏانهن موڪلي سگهن ٿا.

ڊپٽي ڊائريڪٽر (ٽيڪنيڪل)

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF-KRY/3728/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

مهانگي بجلي ۽ عوام جي وڌندڙ معاشي تڪليف
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
زبان سان محبت جو درس ڏيڻ يوڪو تاوادا کان سکو!
صفحو 4

اڄوڪو ڏينهن ---- 29 آگسٽ
مختيار انڙ
صفحو 4

رميش راجا
گلوبل وارمنگ هڪ عالمي آفت!
صفحو 4

ڪوٽڙي سائيٽ ڪاٽو ڪريشن جي ور چڙهي ويو، ملازم پگهارن ۽ پينشن کان محروم، احتجاج

سائيٽ ڪوٽڙي جي حاضر سروس ۽ رٽائر ملازمن 2مهينن کان پگهار ۽ پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو

اسٽيٽ انجنيئر مراد علي جتوئي گذريل وڏي عرصي کان سائيٽ ڪوٽڙي جي جان ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي: مظاهرين

مراد جتوئي جي بدلي ٿي ويندي آهي ۽ 5 يا 6 مهينن بعد ٻيهر پوسٽنگ وٺي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي ٿو نوٽيس ورتو وڃي

حيدرآباد(رپورٽ: اعجاز لغاري) ڪوٽڙي سائيٽ ڪاٽو ڪريشن جي ور چڙهي ويو رٽائر ۽ حاضر سروس ملازم 2مهينن کان پگهار ۽ پينشن کان محروم،احتجاج ڪم ڇڏ هڙتال جو ڇتاءُ ڪوٽڙي سائٽ ڪاٽو گذريل ڪيتري عرصي کان ڪريشن جي ور چڙهي ويو آهي جنهن سبب حاضر سروس ۽ رٽائر ملازم پگهارن ۽ پينشن لاءِ ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن ان سلسلي ۾ سائٽ ڪوٽڙي جي حاضر سروس ۽ رٽائر ملازمن 2مهينن کان پگهار ۽ پينشن نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ابراهيم جويو،لال بخش جتوئي، لياقت چانديو امتياز سهتو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته سائيٽ ڪوٽڙي ڪاٽو ڪريشن جي ور چڙهي ويو آهي اسٽيٽ انجنيئر مراد علي جتوئي گذريل وڏي عرصي کان سائيٽ ڪوٽڙي جي جان ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي مراد جتوئي جي بدلي ٿي ويندي آهي ۽ 5 يا 6 مهينن بعد ٻيهر پوسٽنگ وٺي اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي ٿو هنن الزام هنيو ته اسٽيٽ انجنيئر مراد علي جتوئي سائيٽ ڪوٽڙي کي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچايو آهي جنهن جي اثاثن جي جاچ ٿيڻ گهرجي ته هن 15سالن ۾ ڪيتري ملڪيت غير قانوني طور ڪريشن وسيلي ٺاهي آهي هنن چيوته مراد جتوئي ايفيليئينٽ ٽريٽمينٽ جو ملازم هو جنهن کي 2013 دوران سائيٽ ڪوٽڙي ۾ ضم ڪيو ويوجڏهن ته انچارج واٽر سپلاءِ ظفر اقبال آرائين ۽ بي آر هارون شورو جڏهن سائيٽ ڪاٽي ۾ جوائننگ ڪئي هئي تڏهن انهن وٽ سائيڪل به نه هئي اڄ انهن وٽ ڪروڙين رپين جي ملڪيت آهي.بنگلا شادي هال گاڏيون ڪٿا آيون ڪير پڇڻ وارو آهي يا نه اڪائونٽنٽ ڪاشف شيخ سموري ڪريشن جعلي واٽر بلن ۾ برابر جو شريڪ آهي جنهن جي اثاثن جي جاچ ڪرائي وڃي ته وڏا ڦاٽ ڦٽندا.هنن چيو اسٽيٽ انجنيئر هڪ ڏينهن اڳ ملازمن کي پگهارون ۽ پينشن ادا ڪرڻ بدران اڻڄاتل مد ۾ 12لک رپيا ڪڍرائي ويو هن چيوته پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب 80 رٽائر ملازم جنهن ۾ 20فوتي ملازمن جون بيواهون آهن جڏهن ته 120حاضر سروس ملازم آهن جيڪي 2مهينن کان پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن. هن چتاءُ ڏيندي مطالبو ڪيو ته 3ڏينهن ۾ پگهارون ۽ پينشن نه مليو ته ڪم ڇڏ هڙتال ڪئي ويندي جنهن جي ذميواري اسٽيٽ انجنيئر هوندو

حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو حيدر جي رهواسڻ جو ڏير ۽ ان جي پٽن خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي ٽنڊو حيدر جي رهواسڻ بيواهه روشناس ژال عابدي ڏيٿو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي پٽ سان گڏ ڏير ۽ ان جي پٽن جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته ڏير تاج محمد ڏيٿو 2011 دوران پنهنجي ڀاءُ عابدين جي وفات کان پوءِ منهنجي خلاف رٿ ٺاهي ڇڏيو آهي . 2011 ۾ ئي ڏير تاج محمد ۽ ان جي پٽن مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ مڙس جي ملڪيت مان حصي عدالت ويس جتي عدالت 4500 فٽ پلاٽ اسان جو حصو قرار ڏنو جنهن تي گهر ٺاهي ٻچن سان گڏ ويٺا ته ٻيهر ڏير ۽ ان جي پٽن مارڪٽ ڪري موتمار ڌمڪيون ڏنيون جنهن جو پاڙو گواهه آهي هن چيوته ڏير ۽ ان جا پٽ اسان جي گهر تي ٻيهر قبضو ڪرڻ خاطر تنگ ڪري رهيا آهن هن ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته ماسري

سيبس يونيورسٽي پاران موٽروي پوليس جي سهڪار سان روڊ سيفٽي سيمينار

سيمينار ۾ مقررن روڊ سيفٽي جي مختلف اهم پهلوئن تي تفصيلي بريفنگ ڏني

آگاهي سيمينار دوران شرڪت ڪندڙن کي گاڏين لاءِ 'پاور چيڪ لسٽ' بابت پڻ آگاهي ڏني وئي

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو پاران نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس موبائل ايجوڪيشن يونٽ، سيڪٽرIIIجي سهڪار سان روڊ سيفٽي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جو مقصد شاگردن، يونيورسٽي ملازمن ۽ عام ماڻهن ۾ محفوظ ڊرائيونگ جي طريقن ۽ روڊ حادثن کان بچاءَ بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو سيمينار دوران نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جي سب انسپيڪٽر امبرين وقاص ۽ پيٽرول آفيسر فراز اڪبر پاران معلوماتي ليڪچر ڏنا ويا. مقررن روڊ سيفٽي جي مختلف اهم پهلوئن تي تفصيلي بريفنگ ڏني جن ۾ حادثن جو تجزيو سيٽ بيلٽ جي اهميت، تيز رفتاري، هاءِ وي هپناٽزم ڊرائيونگ دوران ننڊ اچڻ ڊرائيونگ ۾ ڌيان هٽائڻ وارا عنصر، گاڏين جي وچ ۾ محفوظ فاصلو برقرار رکڻ ۽ موٽرسائيڪل جي حفاظت شامل هئا.مقررن خاص طور تي سيٽ بيلٽ پائڻ ڊرائيونگ دوران موبائل فون جي استعمال کان پاسو ڪرڻ رفتار کي ضابطي ۾ رکڻ لين ڊسپلن برقرار رکڻ ۽ ٻين گاڏين کان مناسب فاصلو رکڻ جي ضرورت تي زور ڏنوسيمينار دوران شرڪت ڪندڙن کي گاڏين لاءِ "پاور چيڪ لسٽ"بابت پڻ آگاهي ڏني وئي جيڪا سفر کان اڳ گاڏي جي اهم حصن جي چڪاس لاءِ هڪ آسان يادگيري طور ڪم ڪري ٿي پ مان مراد پٽرول اومان آئل، ڊبليومان واٽر اليڪٽرسٽي۽ آرمان مراد ربر آهي. مقررن مناسب لين ضابطي جي اهميت پڻ واضح ڪئي جنهن ۾ روڊ جي ڪناري واري حصيورج، هارڊ شولڊر بيڊرير ۽ سينٽرل ريزرويشن بابت ڄاڻ رکڻ ضروري قرار ڏنو ڊرائيورن کي صلاح ڏني وئي ته مسلسل ٻن ڪلاڪن جي ڊرائيونگ ڪانپوءِ باقاعده وقفو وٺن اهڙيون دوائون استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ ڊرائيونگ کان پاسو ڪن جن سان ننڊ يا غنودگي پيدا ٿئي، ۽ ڊرائيونگ دوران پاڻ کي چست ۽ هوشيار رکڻ لاءِ مناسب احتياطي اپاءَ اختيار ڪن غنودگي محسوس ٿيڻ جي صورت ۾ ڳچيءَ جي پٺئين حصي ۽ منهن تي ٿڌو پاڻي لڳائڻ جهڙن آسان احتياطي اپائن بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. سيمينار ۾ نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جي ڊي ايس پي ارباب ياور، پيٽرول آفيسر آياز علي، پيٽرول آفيسر توفيل ۽ اسسٽنٽ پيٽرول آفيسر وحيد شاهه شرڪت ڪئي جڏهن ته سيبس يونيورسٽي پاران ڊائريڪٽر ڪيو اي سيڊاڪٽر شبينه شيخ، ڊائريڪٽرا/ورڪڊاڪٽر قمرالدين مهر، ڊپٽي ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنز لطيف گاد، انچارج ايڪسٽرا ڪريڪيولر ايڪٽوٽيز ڪاشف شهزاد ۽ ٻين فيڪلٽي ميمبرن، آفيسرن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي.آخر ۾ سيبس يونيورسٽي ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو مهمانن کي اجرڪ پارايون جڏهن ته ڊي ايس پي ارباب ياور وائيس چانسلر کي شيلڊ پيش ڪئي

اوباڙي پرسان قومي شاهراهه تي ٽرالر اونڌو ٿيڻ ۾ ڄڻا فوت

سکر(بيورو رپورٽ) اوباڙي پرسان قومي شاهراهه تي ٽرالر اونڌو ٿيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا موقعي تي فوت ٿي ويا. پوليس موجب فوت ٿيلن ۾ ٽرالر ڊرائيور محمد شفيق ۽ ڪلينر خليل احمد شامل آهن. حادثي ۾ فوت ٿيل ٻنهي ڄڻن جا لاش ضروري ڪارروائي کان پوءِ سندن اباڻن علائقن ڏانهن روانا ڪيا ويا. پوليس جي ابتدائي اطلاعن موجب حادثو ٽرالر ۾ اوور لوڊنگ سبب پيش آيو

ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم کاتي پاران جاڳرتا ريلي

سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ واري مهم جي سلسلي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سنڌ حڪومت اهو عزم ڪيو آهي ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي: مقررين

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم کاتي پاران انرولمينٽ ڊرائيو ٻارن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ لاءِ سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ واري مهم جي سلسلي ۾ پوسٽ آفيس کان پريس ڪلب ڏانهن جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شامل استادن ۽ اسڪولي شاگردن جي هٿن ۾ بينرز ۽ پلي ڪارڊز کنيل هئا، ان موقعي تي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيد فخرالامين شاهه اڪرم پلي ۽ ٻين استادن آفيسرن خطاب ڪندي چيو ته تعليم جي زيور کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي ۽ حڪومت اهو عزم ڪيو آهي ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي ان لاءِ والدين تي اهو فرض ٿئي ٿو ته پنهنجن ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائي مفت تعليم ڏيارين ته جيئن سندن مستقبل بهتر ٿئي.

ٽنڊو محمد خان ۾ تعليم کاتي پاران سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائڻ واري مهم جي سلسلي ۾ جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

دڙي لڳ شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جو ڪنوينشن

شهيد دودو سومرو جي پيغام کي اڳتي وڌائيندي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان

سومرا برادري پاڪستان جي پڙهيل لکيل ۽ ترقي يافته برادري آهي، زيادتي برداشت نه ڪنداسين: اڳواڻ

دڙو (ن ع) دڙي لڳ رتا اسٽاپ تي شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جو ڪنوينشن مرڪزي اڳواڻن سميت سجاول ضلعي جي سومرا برادري جي وڏي انگ ۾ شرڪت، سنڌ جي سورهيه شهيد دودو سومرو جي پيغام کي اڳتي وڌائيندي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان تفصيل موجب دڙي لڳ ڳوٺ رتا اسٽاپ تي شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جو ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ مرڪزي چيف آرگنائيزر ايڊووڪيٽ محمد ابراهيم سومرو سرپرست اعلي رحيم بخش سومرو اقبال سومرو بابر شير محمد سومرو غلام محمد سومرو شهيد دودو سومرو آرگنائيزيشن سجاول ضلع جي آرگنائيزر محمد موسي سومرو خان محمد سومرو ميرمحمد سومرو جسقم اڳواڻ ڪامريڊ عزيز سومرو عبدالقيوم سومرو ڪميونسٽ اڳواڻ رشيد آزاد، پ پ اڳواڻ دائود سومرو پوليس آفيسر غلام حسين سومرو ڊاڪٽر گل حسن سومرو سميت ضلعي جي مختلف شهرن کان آيل سومرا برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سومرا برادري پاڪستان جي پڙهيل لکيل ۽ ترقي يافته برادري آهي سومرن سان هاڻي ڪابه ٿيندڙ زيادتي برداشت نه ڪنداسين هنن چيو ته ڳوٺ رتا ۾ ڪجهه مهينا اڳ ڪجهه منشيات فروشن جي ڪري سڄي برادري کي نشانو بنائي ديوار سان لڳايو ويو اڍائي سو سومرن مٿان دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو ويو چونڊيل نمائيندن جي بي حسي سبب رتا جا سومرا بي گناهه جيلن ۾ لوڙي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي امر ڪردار شهيد دودو سومرو جي نقش قدم تي هلي وقت جي طوفان ساز منهن اڪڪائينداسين

دڙو دڙي لڳ شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڪستان جي ڪنوينشن کي اڳواڻ خطاب ڪندي

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پوليس اهلڪارن جي ٻن مهينن جي پگهارن مان مبينا ڪٽوتي جو انڪشاف

في اهلڪار کان ٽي هزار کان 15 هزار رپيا مبينا ڪٽوتي، ايس ايس پي آفيس ۽ ٽريزري عملدار موقف ڏيڻ کان لنوائڻ لڳا

ڪٽوتي ٿي رهي آهي وڌايل پگهار نه ڏنو ويو آهي پر پراڻي پگهار مان به ٽي کان 15هزارن تائين ڪٽوتي ڪئي وئي: اهلڪار

ضلعي 800 کان مٿي اهلڪارن جا لکين رپيا ڪٽيا ويا آهن، جن ۾ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل شامل آهن: ذريعا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ پوليس اهلڪارن جي ٻن مهينن جي پگهارن مان مبينا ڪٽوتي جو انڪشاف اهلڪارن ۾ ڳڻتي سنڌ سرڪار پاران وڌايل پگهارن سميت ۽ ٻن مهينن جي پگهار مان پڻ ڪٽوتي جو انڪشاف ٿيو آهي اهلڪارن ۾ مايوسي ڇانئجي وئي.في اهلڪار کان ٽي هزار کان 15 هزار رپيا مبينا ڪٽوتي، ايس ايس پي آفيس ۽ ٽريزري عملدار موقف ڏيڻ کان لنوائڻ لڳا. سياسي ۽ سماجي حلقن پاران پوليس اهلڪارن جون پگهارون واپس ڪرڻ ۽ مبينا ڪريشن ۾ ملوث عملدارن خلاف جاچ جو مطالبو ٻي طرف هڪ پوليس اهلڪار پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته گذريل ٻن مهينن کان اسان جي پگهارن مان ڪٽوتي ٿي رهي آهي وڌايل پگهار نه ڏنو ويو آهي پر پراڻي پگهار مان به ٽي کان 15هزارن تائين ڪٽوتي ڪئي وئي آهي هن وڌيڪ الزام هڻندي ٻڌايو ته ايس ايس پي آفيس جي اڪائونٽ برانچ ۽ ٽريزري آفيس جي ملي ڀڳت سبب پگهار ڪٽيا پيا وڃن سڀني پوليس اهلڪارن پاران ايس ايس پي اڪائونٽ آفيس ۽ ٽريزري عملدارنجي مبينا گڏيل ڪريشن قرار ڏئي رهيا آهن ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو ويو آهي هوڏانهن ذريعن موجب 800 کان مٿي اهلڪارن جا لکين رپيا ڪٽيا ويا آهن جن ۾ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل شامل آهن هوڏانهن ٽنڊو محمد خان پوليس کاتي جا اهلڪار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ته اسان کي ميبنا پگهار ڪٽڻ بابت نه ايس ايس پي آفيس مان ڪا ڄاڻ ڏني پئي وڃي نه وري ٽريزري وارا ٻڌائي رهيا آهن.جڏهن ته تقريبن 800 کان مٿي پوليس اهلڪارن جي پگهارن مان مبينا ڪٽوتي جون خبرون سوشل ميڊيا تي هلڻ باوجود به سرڪاري سطح تي نه ايس ايس پي آفيس مان تصديق يا ترديد ڪئي پئي وڃي نه وري ٽريزري آفيس مان ڪا ڄاڻ ڏني ٿي وڃي .ٽنڊو محمد خان جي پوليس اهلڪارن طرفان مطالبو ڪيو ويو آهي ته مبينا ڪريشن جو اعلي اختيارين نوٽيس وٺي اسان جي پگهار جي رقم واپس ڪرائي. ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي

سکر ٽائون شپ عارف بلڊرز ۾ رولو ڪتن جو تعداد مبينا طور وڌي ويو

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ٽائون شپ عارف بلڊرز ۾ رولو ڪتن جو تعداد مبينا طور وڌي ويو آهي، جنهن سبب عورتن ۽ ٻارن سميت علائقي جا رهواسي سخت پريشاني ۾ مبتلا نظر اچن ٿا. علائقي واسين موجب آوارا ڪتن جا ولر گهٽين ۽ رهائشي علائقن ۾ گهمندا رهن ٿا، جنهن سبب والدين پنهنجن ٻارن کي گهرن کان ٻاهر موڪلڻ کان به قاصر آهن. علائقي واسين موجب تازو ڏينهن دوران آوارا ڪتن ٻارن تي حملي جون ڪوششون ڪيون، جڏهن ته شهرين پنهنجي مدد پاڻ تحت ٽن کان وڌيڪ ٻارن کي ڪتن جي چڪ کان بچايو آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن بروقت قدم نه کنيا ويا ته ڪنهن به وقت وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو. ٻئي طرف شهري حلقن سوال اٿاريو آهي ته خدا نه ڪري جيڪڏهن آوارا ڪتن جي حملي سبب ڪنهن شهري، خاص طور تي ٻار يا عورت کي نقصان پهتو ته ان جي ذميواري ڪهڙي اداري تي عائد ٿيندي؟ ڇا ان جي ذميواري ٽائون شپ انتظاميا، ميونسپل ڪارپوريشن يا لاڳاپيل چونڊيل نمائندن تي عائد ٿيندي. ٽائون شپ جي رهواسين ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل بلدياتي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽائون شپ عارف بلڊرز ۾ فوري طور آوارا ڪتن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهرين، خاص طور تي ٻارن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن ڪنهن اڻ وڻندڙ واقعي کان اڳ هن مسئلي جو مستقل حل ڪڍي سگهجي.

ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ پاران اسپتال جو دورو

سول ڊفينس جي ٽيم مختلف حفاظتي انتظامن جو معائنو ڪيو

سمورن سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر سکر ميڊم بشريٰ منصور ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ انچارج آفيسر سول ڊفينس ميان جهانگير عباسي چلڊرن اسپتال سکر ۽ ايس آءِ سي وي ڊي اسپتال جو دورو ڪيو دوري دوران ٻنهي اسپتالن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظامن فائر سيفٽي اوزارن ۽ حفاظتي قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو سول ڊفينس جي ٽيم مختلف حفاظتي انتظامن جو معائنو ڪيو جنهن دوران ٻنهي اسپتالن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي بهترين انداز ۾ عملدرآمد ٿيندي نظر آيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميڊم بشريٰ منصور ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته محفوظ سکر جي قيام لاءِ ضروري آهي ته سمورن سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ فائر سيفٽي ايس او پيز تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ جاني ۽ مالي نقصان کان بچڻ لاءِ صرف حفاظتي اوزارن جي موجودگي ڪافي ناهي، بلڪ لاڳاپيل عملي کي سول ڊفينس جي تربيت ڏيڻ سان گڏ فائر سيفٽي ۽ ريسڪيو جو عملي مظاهرو پڻ ضروري آهي هن عبرت سان ڳالهائيندي چيو ته سول ڊفينس طرفان مختلف ادارن ۾ باهه کان بچاءُ ايمرجنسي رسپانس ۽ حفاظتي قدمن بابت آگاهي ۽ تربيتي سرگرميون ساراهه جوڳيون آهن جن کي وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته سول ڊفينس جو بنيادي مقصد عوام ۽ ادارن کي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪرڻ آهي فائر سيفٽي ايس او پيز تي عملدرآمد سان گڏ عملي تربيت ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي ان موقعي تي پوسٽ وارڊن محمود احمد انچارج آفيسر فائر سيفٽي لالا ريحان پٺاڻ ۽ ڊپٽي پوسٽ وارڊن احسن راجپوت پڻ موجود هئا. سول ڊفينس اختيارين اسپتال انتظاميا طرفان فائر سيفٽي ايس او پيز تي بهتر انداز ۾ عملدرآمد ۽ حفاظتي انتظامن کي ساراهيو ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته محفوظ سکر لاءِ فائر سيفٽي ۽ ايمرجنسي سيفٽي بابت معائنن آگاهي ۽ تربيتي سرگرمين جو سلسلو جاري رکيو ويندو

سکر اي سي ميڊم بشره منصور جو سول ڊفينس سان گڏ فائر سيفٽي ايس او پيز جي حوالي سان اسپتال جو دورو ڪندي

ڇنڇر 29 آگسٽ 2026ع
ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63 Year 1958-2021

KARACHI DIPLOMATIC & SOCIAL ROUNDUP PAGE

The Consulate General of the Republic of Indonesia in Karachi celebrated Indonesia's 81st Independence Day with members of the Indonesian community and their families in Sindh.

The celebrations opened with a solemn flag-hoisting ceremony, followed by a reception featuring traditional Indonesian cultural performances and a variety of traditional cuisine.

The event was attended by H.E. Mr. Irfan Soomro, Director General of the Ministry of Foreign Affairs Liaison Office (FALO) Karachi, as Chief Guest, along with the Dean of the Diplomatic Corps, Consuls General, diplomatic representatives and members of the business community.

In his remarks, Consul General of Indonesia H.E. Mr. Mudzakir highlighted the strong and longstanding brotherly relations between Indonesia and Pakistan. Both speakers emphasized the importance of further strengthening bilateral cooperation in trade, investment, education, culture, tourism and people-to-people contacts.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلاول پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

چنڇر 29 آگسٽ 2026ع

مهانگي بجلي ۽ عوام جي وڌندڙ معاشي تڪليف

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي لهر اڃا تائين عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي پنهنجي گرفت ۾ رکيو ويٺي آهي. ڪاڌي پيتي جي شين کان وٺي تعليم، علاج، ٽرانسپورٽ ۽ ڏهاڙي ضرورتن تائين، هر شعبي ۾ وڌندڙ خرچ عوام جي گهريلو بجيٽ کي سخت متاثر ڪيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن بجليءَ جي بلن ۾ اضافي بار وڌو وڃي ته اهو سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته آخر عام ماڻهوءَ کي ڪيتري وڌيڪ معاشي آزمائش مان گذرڻو پوندو؟ خبرون آهن ته جولاءِ جي فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي بنياد تي بجليءَ جي في يونٽ قيمت ۾ 2 رپيا 52 پيسا اضافي ڪرڻ جي تجويز تي پاور ريگيوليٽر فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. جيڪڏهن اها منظوري ملي ٿي ته سيپٽمبر جي بجليءَ جي بلن ۾ صارفين کان وڌيڪ رقم وصول ڪئي ويندي ۽ مجموعي طور تي عوام تي 36 ارب 54 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو اضافي بار پئجي سگهي ٿو.

بجليءَ جي قيمت وڌائڻ لاءِ بنيادي طور فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جو دليل ڏنو ويو آهي. سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي موجب جولاءِ ۾ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف مهانگا ٻارڻ استعمال ڪيا ويا، جنهن سبب پيداوار جي لاڳت وڌي. انگن اکرن موجب درآمدي ايل اين جي مان 10.78 سيڪڙو بجلي پيدا ڪئي وئي، جنهن جي في يونٽ لاڳت 47 رپيا 37 پيسا رهي. فرنس آئل مان پيدا ٿيندڙ بجليءَ جي لاڳت 50 رپيا 7 پيسا في يونٽ تائين پهچي وئي، جڏهن ته ڊيزل مان پيدا ٿيندڙ بجليءَ جي في يونٽ لاڳت 54 رپيا 47 پيسا ٻڌائي وئي. هتي اهو سوال ضرور اڀري ٿو ته جڏهن بجلي پيدا ڪرڻ جا ڪجهه ذريعا ايترا مهانگا آهن ته پوءِ توانائيءَ جي پاليسيءَ ۾ سستي ذريعن کي وڌيڪ ترجيح ڇو نه ڏني وڃي؟ ساڳئي انگن اکرن ۾ هڪ اميد جو پاسو پڻ موجود آهي. جولاءِ ۾ مجموعي بجلي پيداوار ۾ پاڻيءَ جو حصو 39.81 سيڪڙو رهيو، مقامي ڪوئلي جو 10.91 سيڪڙو، درآمدي ڪوئلي جو 14.38 سيڪڙو ۽ نيوڪليئر ذريعن جو حصو 10.10 سيڪڙو رهيو. خاص طور تي نيوڪليئر بجليءَ جي في يونٽ لاڳت صرف 3 رپيا 2 پيسا ٻڌائي وئي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ملڪ وٽ نسبتاً سستي بجلي پيدا ڪرڻ جا وسيلا موجود آهن پر سوال اهو آهي ته انهن مان وڌ کان وڌ فائدو ڇو نٿو ورتو وڃي؟ جيڪڏهن ڊگهي مدي واري پاليسيءَ تحت پاڻي، شمسي، هوا ۽ ٻين مقامي توانائي ذريعن کي وڌيڪ ترقي ڏني وڃي ته مهانگي درآمدي ٻارڻ تي دارومدار گهٽائي سگهجي ٿو. ان سان نه رڳو بجليءَ جي پيداوار جي لاڳت گهٽجي سگهي ٿي پر ملڪ جي قيمتي پرڏيهي ناڻي جي به بچت ٿي سگهي ٿي. ٻئي طرف گئس جي ٽيرف بابت به هڪ اهڙي پاليسي سامهون اچي رهي آهي، جيڪا مستقبل ۾ عام صارف تي نئون بار وجهي سگهي ٿي. حڪومت گئس ٽيرف جا موجوده 12 سليب ختم ڪري هڪجهڙي قيمت لاڳو ڪرڻ تي غور ڪري رهي آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته محفوظ صارفين کي آمدنيءَ جي بنياد تي سبسڊي ڏيڻ واري نظام ڏانهن منتقل ڪيو ويندو ۽ انهن لاءِ ٽارگيٽيڊ سبسڊي جو بندوبست ڪيو ويندو. سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 2026ع ۾ آءِ ايم ايف جي چوٿين جائزي دوران ڪراس سبسڊي ختم ڪرڻ ۽ سنگل گئس ٽيرف لاڳو ڪرڻ جي ٽائيم لائن تي حڪومت ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ڳالهين جو امڪان پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي.

اصولي طور تي سبسڊيءَ جو نظام اهڙو هجڻ گهرجي، جنهن مان حقيقي طور مستحق ماڻهو فائدو وٺن ۽ سرڪاري خزاني تي غيرضروري بار نه پوي. پر ان سان گڏ اهو به ضروري آهي ته غريب ۽ گهٽ آمدني وارن گهراڻن کي مهانگائيءَ جي نئين ڌڪ کان بچايو وڃي. جيڪڏهن بجلي، گئس، پيٽرول ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جون قيمتون مسلسل وڌنديون رهيون ته محدود آمدني رکندڙ خاندانن لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي ٿيندي ويندي. حڪومت لاءِ اصل چئلينج رڳو بلن ۾ واڌ ڪرڻ نه پر توانائيءَ جي شعبي جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. بجلي چوري، لائن لاسز، ادارن جي نااهلي، مهانگي بجلي خريد ڪرڻ جا معاهدا، گردشي قرض ۽ توانائيءَ جي غلط منصوبابندي جهڙن مسئلن کي مستقل بنيادن تي حل ڪرڻ کانسواءِ بار بار قيمتون وڌائڻ ڪو پائيدار حل نٿو ٿي سگهي. هر ڀيري نقصان جو بار صارف تي منتقل ڪرڻ سان ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ٿيڻ بدران عوام جي برداشت جي حد ضرور ختم ٿيندي. حڪومت کي گهرجي ته انگن اکرن جي پويان موجود انساني تڪليف کي به نظر ۾ رکي. آخر توانائيءَ جو نظام عوام جي سهولت لاءِ آهي يا عوام جي کيسي مان وڌ کان وڌ رقم ڪڍڻ لاءِ؟

لطيفي لات ______ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَرَهَا ڪَمَرَ چَڱِ، وِڳُونَ وِڄَهه وَڏَنڊِيُونَ،
هَيڪَرَ حَبِيبَنِ سِينَ، مُونَ کِي ٿِيئِي گَڏِ،
مَڃِڻُ پُوَئِي هَڏِ، آهُونَ اَڪَنڊِيَنِ جُونَ.

لطيف سائين هتي اندر جي اها ڪيفيت ٻڌائي ٿو جڏهن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بيوس ٿيندي محسوس ڪندو هجي، جڏهن محبوبن سان ملڻ جي شديد خواهش، سڪ، اڪير ۽ اڪنڊ جو دل تي دٻاءُ هوندو آهي ته پوءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪيس سُجهندي ئي ناهي چئي هيءَ گهڙي به پرينءَ وٽ پهچان. تڏهن ئي ته اِن کي عاشق ايلاز ڪندي چيس ٿو ته اي ڪرها تڪڙو هلڻ جي ڪر اها سستي ۽ آرس ڇڏ، منهنجي اندر جون هي آهون ۽ من توتي اثر ڪن تنهنجي هڏ پون من پوءِ ڪو توکي منهنجي اندر جي آنڌ مانڌ جو قدر ٿئي ۽ تون تکو ۽ تيزيءَ سان هلين يار ڪرها! هڪ ڀيرو سڄڻن سان ملاءِ انهن جي ديدار سان ساڻن گڏجڻ سان ئي هي من اندر جون مرادون، سڪ، اڪنڊ ۽ اڪير ڪا ماٺي ٿيندم.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

گلوبل وارمنگ هڪ عالمي آفت!

رميش راڄا

(حصو ٻيو ۽ آخري)

گرين لينڊ ۽ دنيا جا گليشيئر: موسمياتي بحران جا اثر ڪرائيو سفيئر يعني ڌرتيءَ جي برفاني نظام ۾ پڻ واضح نظر اچي ٿو. سيٽلائيٽ مشاهدن گرين لينڊ ۾ ٽرندڙ برف جي وڏي نقصان کي نمايان ڪيو آهي جنهن ۾ گليشيئرن جي اڳين حصن ۾ پڻ اهم تبديليون ڏٺيون ويون آهن گرين لينڊ جي برفاني چادر ڊگهي مدي تائين سمنڊ جي سطح وڌڻ ۾ دنيا جي اهم ذريعن مان هڪ آهي گليشيئرز جو پوئتي هٽڻ رڳو ماحولياتي مسئلو ناهي جبلن جا گليشيئر قدرتي پاڻيءَ جي ذخيرن طور ڪم ڪن ٿا انهن جو مسلسل گهٽجڻ انهن برادرين جي ڊگهي مدي واري پاڻيءَ جي سلامتي لاءِ خطرو آهي جيڪي موسمياتي برف پگهرڻ مان حاصل ٿيندڙ پاڻيءَ تي ڀاڙين ٿيون صنعتي ملڪ، جن ۾ آمريڪا ۽ يورپ شامل آهن موسمياتي آفتن جا ذميوار آهن هماليه، اينڊيز ۽ ٻين گليشيئرن جي ڀرسان رهندڙ ماڻهن تاريخي گرين هائوس گيسن جي خارج ٿيڻ جي وڏي اڪثريت پيدا نه ڪئي آهي

زراعت ۽ خوراڪ جي سلامتي: موسمياتي تبديلي سبب ٿيندڙ تباهيءَ کي رڳو انساني موت ۽ تباهه ٿيل عمارتن جي انگن سان ماپي نٿو سگهجي ٻوڏون زرعي زمينون ٻوڙي ڇڏين ٿيون گرمي فصلن کي تباهه ڪري ٿي ڏڪار پيداوار گهٽائي ٿو جهنگن کي باهه ساڙي ڇڏي ٿي پاڻيءَ جي کوٽ آبپاشي کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ٿي مثال طور 2026ع جي آسام ٻوڏن دوران وسيع زرعي علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا ۽ چوپائي مال ۽ گهرن جي روزگار کي نقصان پهتو هيٺ هڪ زنجير ناهيل آهي (سمجهاڻيءَ لاءِ): موسمياتي گرمي → شديد موسم → فصلن جو نقصان → خوراڪ جي قيمتن تي دٻاءُ → روزگار ۽ آمدنيءَ جو نقصان → لڏپلاڻ ۽ بي گهر ٿيڻ → انساني بحران

بي گهر ٿيڻ: هر انگ جي پويان هڪ بي گهر ٿيل خاندان موجود آهي صرف 2026ع جي آسام ٻوڏن ۾ 7 لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿيا پاڪستان ۾ بار بار ايندڙ مون سون ٻوڏن ۽ ارجنٽين ٻوڏن ڪيترن ئي صوبن جي آبادين کي بي گهر ۽ متاثر ڪيو آهي برازيل ۾ آگسٽ جي طوفانن سبب هزارين ماڻهو بي گهر ٿيا، ريٿو ۾ تيزيءَ سان پکڙجندڙ هاڪ فائر سبب هزارين ماڻهن کي نيڪالي وٺڻي پئي موسمياتي سببن سان بي گهر ٿيڻ هاڻي رڳو ننڍن ٻيٽن يا مستقبل جي ڪنهن پري واري خدشي تائين محدود ناهي رهيو اهو ڏکڻ ايشيا، اتر آمريڪا، يورپ ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ هڪ ئي وقت نظر اچي رهيو آهي

عظيم موسمياتي ناانصافي: دنيا ۾ وڌندڙ موسمياتي آفتن جي پويان هڪ اهڙو سوال موجود آهي جنهن کان منهن موڙي نٿو سگهجي مسئلو سڀ کان وڌيڪ ڪنهن پيدا ڪيو ۽ ان جي سڀ کان وڏي قيمت ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ جواب رڳو اهو ناهي ته هر ٻوڏ، گرميءَ جي لهر، ڏڪار، جهنگن کي لڳندڙ باهه يا طوفان جو ذميوار ڪو هڪ ملڪ يا علائقو آهي. ڪاربان تي ٻڌل ترقيءَ مان سڀ کان وڌيڪ فائدو وٺندڙ ماڻهو ۽ ملڪ لازمي ناهي ته ان جا سڀ کان وڏا نتيجا به پاڻ ڀوڳين ان ڪري هي اصول اهم بڻجي ٿو ته 'صنعتي ملڪ، جن ۾ آمريڪا ۽ يورپ شامل آهن، موسمياتي آفتن جا ذميوار آهن' ان جو مطلب اهو ناهي ته ترقي پذير ملڪن تي موجوده ۽ مستقبل ۾ گيس جي خارج گهٽائڻ جي ڪا ذميواري ناهي ان جو مطلب اهو آهي ته موسمياتي ذميواري تاريخي حصي موجوده صلاحيت، معاشي طاقت ۽ صاف توانائي ڏانهن علمي منتقلي جي مالي مدد ڪرڻ جي صلاحيت مطابق هجڻ گهرجي اهو اصول عالمي سطح تي تسليم ٿيل تصور 'عام پر مختلف ذميوارين (Common but Differentiated Responsibilities)' ۾ پڻ نظر اچي ٿو، جنهن مطابق ڌرتيءَ جي حفاظت سڀني ملڪن جي گڏيل ذميواري آهي پر سڀني ملڪن جي تاريخي ذميواري ۽ جواب ڏيڻ جي صلاحيت هڪجهڙي ناهي تنهنڪري موسمياتي بحران رڳو ماحولياتي ايمرجنسي ناهي بلڪ اهو انصاف، برابري ۽ قومن ۽ نسلن جي وچ ۾ ذميواري جو هڪ انتهائي اهم سوال پڻ آهي 2026ع جا واقعا هاڻي دنيا جي مختلف حصن مان هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ الڳ الڳ خبرن طور نه ڏسڻ گهرجن اهي گڏجي وڌندڙ موسمياتي دٻاءُ هيٺ آيل ڌرتيءَ جي هڪ تمام وڏي ۽ انتهائي پريشان ڪندڙ تصوير پيش ڪن ٿا پاڪستان ۽ ڀارت تباهه ڪندڙ ٻوڏن سان وڙهي رهيا آهن برازيل ۽ ارجنٽينا شديد طوفانن ۽ برساتن کي منهن ڏئي رهيا آهن آمريڪا تباهه ڪندڙ جهنگن کي لڳندڙ باهه سان وڙهي رهيو آهي. فرانس ۽ اسپين غيرمعمولي گرمي، ڏڪار ۽ باهه جي گڏيل بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن گرين لينڊ جي برف گهٽجي رهي آهي دنيا جا سمنڊ غيرمعمولي گرميءَ تائين پهچي رهيا آهن هاري فصل وڃائي رهيا آهن خاندان پنهنجا گهر ڇڏي بي گهر ٿيڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن ۽ پاڻيءَ جي سلامتي وڌندڙ غيريقيني جو شڪار بڻجي رهي آهي موسمياتي ذميواري کي عملي شڪل ڏيڻي پوندي آلودگي ڪندڙ کي قيمت ادا ڪرڻي پوندي، تاريخي طور سڀ کان وڌيڪ گيس خارج ڪندڙ ملڪن کي اڳواڻي ڪرڻي پوندي، ڪمزور ۽ متاثر ملڪن کي بامعنيٰ موسمياتي مالي مدد فراهم ڪرڻي پوندي، فوسل فيولز تي انحصار تيزيءَ سان گهٽائڻو پوندو، ٻيلن، گليشيئرن، ويٽ لينڊز ۽ سمنڊن کي تحفظ ڏيڻو پوندو ۽ هر ملڪ کي پنهنجي عوام کي اهڙي موسم لاءِ تيار ڪرڻو پوندو، جيڪا اڳ ئي تبديل ٿي چڪي آهي 2026ع ۾ سامهون ايندڙ آفتون ان ڳالهه جو ثبوت آهن جنهن کي انسانيت کي منهن ڏيڻو پوندو، جيڪڏهن هاڻي قدم نه کنيو ويو.

زبان سان محبت جو درس ڏيڻ يوڪو تاوادا کان سکو!

مير قائم خان ٽالپر

يوڪو تاوادا 23 مارچ 1960ع تي ٽوڪيو ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ مترجم ۽ ڪتاب فروش هو. يوڪو تاوادا ٽوڪيو ميٽروپوليٽن ٽاچيڪاوا هاءِ اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي. 1979ع ۾ يوڪو تاوادا 19 سالن جي ڄمار ۾ اڌ دنيا گهمڻ ڪانپوءِ آخر ۾ جرمني گهمڻ وئي ۽ پوءِ اتي جي ٿي وئي. هن پنهنجي انڊر گريجوئيشن تعليم 1982ع ۾ واسيدا يونيورسٽي مان روسي ادب ۾ حاصل ڪئي ۽ گريجوئيشن ڪانپوءِ هيءُ هيمبرگ هلي وئي، جتي هُن پنهنجي پيءُ جي هڪ ڪاروباري پائيوار سان گڏ ڪتاب ورهائڻ واري ڪاروبار ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو پر ڪجهه ئي وقت ڪانپوءِ هن ڀيهر اڳتي پڙهڻ جو سوچي هيمبرگ يونيورسٽي ۾ اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو جنهن جي ڪري هن ڪاروبار ڇڏي ڏنو ۽ پوءِ 1990ع ۾ هن جرمن ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي. 2000ع ۾ هن زيورخ جي يونيورسٽيءَ مان جرمن ادب ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. 2006ع ۾ يوڪو تاوادا برلن هلي وئي. يوڪو تاوادا 1987ع ۾ لکڻ جي شروعات Nothing Only where You are جي اشاعت سان ڪئي. هيءُ جرمن ۽ جاپاني ٻنهي زبانن ۾ شايع ڪيل شاعريءَ جو مجموعو هو. هن جي پهرين ناول کي جنهن جو نالو مسنگ هل هو 1991ع ۾ انهيءَ کي گنزو پرائز فار نيو رائٽرس ڏنو ويو. 1993ع ۾ يوڪو تاوادا کي سندس ناول انو مڪو آٽري جي لاءِ اڪوٽاگاوا انعام ڏنو ويو. انهيءَ کان علاوه به يوڪو تاوادا ڪافي ٻيا انعام مختلف ڪتابن تي حاصل ڪيا پر انهن ۾ گهڻو اهم هو شاميسو ايوارڊ. 19هين صديءَ جو فرانسيسي اديب ۽ شاعر آڊلبرٽ فان شاميسو پنهنجي ادبي تخليقن لاءِ جرمن ٻوليءَ کي اظهار جو وسيلو بڻايو. سندس نالي سان منسوب شاميسو ايوارڊ 1986ع کان جرمنيءَ ۾ اهڙن اديبن کي ڏنو وڃي ٿو جن جي مادري زبان جرمن نه هجي پر هُو جرمن زبان ۾ ڪتاب لکندا هجن يا جرمن ادب ۾ هنن جو ڪو بهترين ڪم ڪيل هجي. انهيءَ ڪري هي ايوارڊ جاپاني ليکڪ يوڪو تاوادا کي سن 1996ع ۾ ڏنو ويو. جاپاني اديبه يوڪو تاوادا تقريباً 43 سال اڳ برلن جي مرڪزي ريلوي اسٽيشن بان هوف سو تي لٿي هئي. بان هوف سو کي اڳوڻي مغربي برلن جي مرڪزي اسٽيشن جي حيثيت حاصل هئي. يوڪو تاوادا پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چوي ٿي ته، جڏهن آئون بان هوف سو اسٽيشن تي پهتي هيس، تڏهن سرد جنگ جو زمانو هو ۽ مغربي برلن هڪ شوڪيس وانگر لڳي رهيو هو. جنهن ۾ سڄي مغربي دنيا جي تصوير نظر اچي رهي هئي. هتي دولت جي ريل پيل هئي سڀ ڪجهه خوبصورت لڳي رهيو هو. ڪنهن به نئين جاءِ کي اَئين حيرت سان شروعات ۾ ڏسڻ، اِهو سڀ ڪجهه يوڪو تاوادا جي لاءِ اڄ به تمام اهم آهي. يوڪو تاوادا دنيا جي باري ۾ پنهنجي حيرت کي پنهنجي لکڻين ۾ منتقل ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿي، جرمن زبان هن اسڪول ۾ سِکي، 19 سالن جي عمر ۾ ئي هيءُ جاپان جي صورتحال کان ٻاهر نڪري آئي، تقريباً اڌ دنيا جو سير ڪري پوءِ هيءُ جرمني پهتي هئي، هن پنهنجي مادري زبان جاپاني سان گڏوگڏ جرمن زبان ۾ به ڪافي ڪجهه لکيو آهي.

يوڪو تاوادا کان جڏهن پڇو ويو ته تو جاپاني زبان کان علاوه جرمن زبان ۾ ايترو ڪم ڪيئن ڪيو، تڏهن يوڪو تاوادا وراڻيو ته اِهو بس خود به خود ئي ٿي ويو ۽ پوءِ هوءَ اڳتي چوي ٿي ته جرمن زبان ۾ لکڻ جي ڪري آئون جاپاني زبان جي خصوصيتن کي بهتر طور تي سمجهي سگهي آهيان. بلڪل اَئين ئي مون کي جرمن زبان جي خوبين کي به بهتر طور تي سمجهڻ جو موقعو مليو ٿو. هن جي هر لفظ جي متعلق منهنجي اندر ۾ هڪڙو احساس آهي مون شايد انهيءَ احساس کي پنهنجي لکڻين ۾ استعمال ڪيو آهي. جرمن الفاظ جڻ ته ڪنهن اجنبي وجود جيان منهنجي سامهون ٽيبل تي پيل هوندا آهن ۽ آئون انهن سان کيڏيندي رهندي آهيان. اها ڪيفيت مون کي سڪون ڏي ٿي.

ياد رکو اِهو ئي اُهو انداز آهي جيڪو يوڪو تاوادا جي ادب ۾ نمايان نظر اچي ٿو ۽ اُهو ئي سبب آهي ته هن کي 1996ع ۾ آڊل برٽ فان شاميسو ايوارڊ ڏنو ويو ۽ 2005ع ۾ گوئٽي ميڊل جي اعزاز سان نوازيو ويو. هوءَ مغربي ڪلچر کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ استعمال ڪري ٿي. هن جي تحريرن ۾ حقيقت ۽ تخيل جي وچ واري حد ڌنڌلي نظر ايندي آهي ۽ اِهو ئي سبب آهي جو پوءِ هن جا لکيل لفظ به وجود بڻجي وڃن ٿا ۽ انهن جو ذوق ۽ مزاج به تبديل ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڪري زبان جي ڪيفيت تمام گهڻي نمايان نظر اچي ٿي، شايد انهيءَ ڪري جو يوڪو تاوادا جاپان ۾ پرورش حاصل ڪئي ۽ ياد رکو جاپاني ڪلچر ۾ لفظن جي شڪل ۽ صورت جي خوبصورتي کي تمام گهڻي اهميت ڏني وڃي ٿي. تاوادا چوي ٿي ته ضروري ناهي ته پڙهڻ وارو انهن لفظن جي مطلب کي سمجهي بلڪ ضروري اِهو آهي ته ڪتاب ۾ هڪڙو اجنبي وجود، هڪڙو اجنبي زبان جو لفظ موجود هجي، مقصد اِهو آهي ته انهيءَ وجود سان ٽاڪرو ڪانپوءِ پڙهڻ واري کي اِهو احساس ٿئي ته ڪجهه نه ڪجهه هميشه رهجو وڃي، جنهن کي اسان سمجهي نٿا سگهون. ياد رکو اِهي ئي اڻڄاڻ ۽ اجنبي عنصر يوڪو تاوادا جي ادب جا ڌوڙيندڙ پهلو آهن. انهيءَ ڪري هوءَ پنهنجي ناولن جي گهڻن ئي ڪردار کي فرانس جي شهر مارسي يا وري جرمن جي شهر برلن جو سفر ڪرائي ٿي. انهيءَ جي باوجود اجنبيت يوڪو تاوادا جي لاءِ اڃا به هڪ ڏکي اصطلاح آهي. هوءَ چوي ٿي ته اجنبيت جو لفظ مون جرمني ۾ اچي سکيو، چو ته ماڻهو مون کان گهڻو سوال اِهو ٿي ڪندا آهن ته ڇا آئون هتي جرمني ۾ اچي پاڻ کي اجنبي ته محسوس ڪونه ٿي ڪريان؟ آئون پنهنجي جرمن دوستن سان پاڻ کي ڏاڍو مانوس محسوس ڪريان ٿي پر جيڪڏهن اجنبيت مان مراد هڪ قسم جو فاصلو آهي پوءِ ها آئون هڪڙي مخصوص قسم جو فاصلو محسوس ڪريان ٿي، اهو منهنجي لاءِ سٺو آهي، ڇو ته اهڙي طرح آئون شين کي وڌيڪ واضح ڏسي ۽ سمجهي سگهان ٿي. يوڪو تاوادا جي لاءِ ثقافتن ۽ زبانن جي وچ ۾ رهڻ ڪو مسئلو ناهي آهي. هن هڪ ادبي ڪائنات تخليق ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ الفاظ ۽ دنيا مسلسل تبديل ٿيندي رهندي آهي، ڇو ته صرف پنهنجي هڪڙي دنيا هن جي لاءِ يڪسانيت ۽ بوريت جو سبب بڻجي ٿي، هاڻي آئون پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ عرض ڪريان ته زبان جي تخليق صوتي فلسفه جي تحت وجود ۾ اچي ٿي، تخليق آدم سان گڏ ئي ضروريات ۽ احساسات جي اظهار جي لاءِ انسان کي الفاظ جي ضرورت پوي ٿي ۽ اهي الفاظ مختلف آوازن جو مجموعو آهن. انهن کي علم لسانيات جي لغت ۽ اصطلاح ۾ حروف تهجي چيو ويندو آهي. حقيقت ۾ هي حروف بنيادي آوازون آهن، جن کي گڏي لفظ ناهيا وڃن ٿا، مختلف زبانن ۾ ڪيترائي لفظ هڪجهڙا هوندا آهن پر انهن جي معنيٰ مختلف هوندي آهي. اصل ۾ آواز گڏيل هوندي آهي، انهي ڪري هر علائقي ۽ هر نسل جي ماڻهن هزارن سالن کان پنهنجي پنهنجي ضرورت، مزاج ۽ ماحول جي مطابق زبانون ناهي ڇڏيون، خوش مزاج ۽ باذوق نسلن جون ٻوليون به شيرين ۽ شاعرانه مزاج رکن ٿيون. جيئن اوڀر ۾ فارسي ٻولي ۽ اولهه ۾ فرانسيسي ٻولي، پر ڪجهه قومن وقت جي تقاضائن مطابق پنهنجي مقامي ٻولين ۾ تحقيق ۽ ترقيءَ جو ايترو مضبوط ڪم ڪيو آهي، جو اُهي ئي مادري ۽ مقامي ٻوليون علمي ۽ معياري ٻولين جو درجو حاصل ڪري ويون. اڄ انهن ئي ٻولين مان به چار اهڙيون آهن، جيڪي بين الاقوامي سطح تي ترقي يافته ۽ جديد ٻوليون سڏجن ٿيون.

ترقي يافته ٻولين ۽ مقامي ٻولين جي دنيا جي وچ ۾ ڪجهه ٻيون ٻوليون اهڙيون به آهن جيڪي ڳالهائڻ جي لحاظ کان ترقي يافته آهن ۽ ادب ۾ به خود ڪفيل آهن پر آهي سائنسي علوم ۽ نصابي تعليم جي حصول جي لاءِ في الحال ناڪافي آهن. آفريڪا ۽ ايشيا جي اڪثر ملڪن کي سائنسي علم کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن جديد مغربي ٻولي جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ هر ترقي پذير ملڪ مجبور آهي ته جيستائين هن جي قومي ٻولي ترقي يافته نٿي ٿي سگهي تيستائين انهيءَ کي ترقي يافته مغربي ٻولي جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. جيئن نابالغ ٻار يا ڪمزور ۽ ضعيف انسان کي هلڻ جي لاءِ ڪنهن سهاري جي ضرورت هوندي آهي. اِها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي ته شاعري ۽ ادب جو بنياد احساس تي هوندو آهي، ان ڪري ٻولين يا نيم ترقي يافته زبانن ۾ انهن موضوعات جي گهڻتائي نه آهي پر حقيقت ۾ جيستائين مضبوط حقائق فلسفي، منطق، استدلال ۽ سائنسي علوم جو تعلق آهي صرف ۽ صرف ڪجهه ترقي يافته ٻولين ۾ موجود آهي. اردو اسان جي قومي زبان آهي، اسان کي کپي ته اسان انهن سائنسي علمن کي اردو ۾ متعارف ڪرايون. ٻوليءَ جي رواج سان نه رڳو عقل ۽ علم تي اثرات ظاهر ٿيندا آهن بلڪ زبان جي تهذيب تمدن، نظريات، اخلاقيات، سياست ۽ سماجيات تي به گهرا اثر پون ٿا، هر زبان هڪ خاص مزاج رکي ٿي ۽ هڪ خاص مزاج ترتيب ڏيڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته زبان وحدت جي علامت پڻ هوندي آهي. غور ڪريو ته سوويت يونين ۾ ڪيترين ئي ٻولين رائج هيون. مثال طور تاجڪي، ازبڪي ۽ آذربائيجاني. ان جي باوجود، جيتوڻيڪ هر رياست جي پنهنجي ٻولي هئي، پر روسي ٻوليءَ کي مرڪزي سطح تي سڀني لاءِ رائج ڪيو ويو، هن مصنوعي طريقيڪار جي بدولت هڪ مصنوعي وحدت قائم ڪئي وئي هئي، جيئن ئي انتشار ۽ افتراق جون هوائون هليون ته پوءِ اهو عظيم ڍانچو ڌڙام سان زمين بوس ٿي ويو.

ياد رکو اوهان جيڪڏهن پنهنجو وجود برقرار رکڻ چاهيو ٿا ته پوءِ پنهنجي معاشري ۾ نوجوانن کي هڪٻئي سان زبان ۽ قوم جي نالي تي نفرتن کان بچايو اِهي نوجوان اسان جي طاقت آهن. انهن کي سمجهايو ته قومون ۽ قبيلا اسان جي تعارف جي لاءِ آهن. تعريف جي لاءِ نه. اسان جون ايندڙ نسلون زبان، قوم، مذهب ۽ فرقن جي بنياد تي نفرتون ۽ تعصب پکيڙيندڙن تي نه، پر مستقبل ۾ هر قوم ۽ هر ٻوليءَ مان ايندڙ يوڪو تاوادا جهڙين شخصيتن تي فخر ڪنديون. ياد رکو زبان قومن کي قريب ڪرڻ جو ذريعو آهي، جنهن جي زنده مثال اڄ به اسان وٽ يوڪو تاوادا جي صورت ۾ موجود آهي. آخر ۾ مان پنهنجي گفتگو برطانيه جي نيو ڪاسل يونيورسٽيءَ ۾ لسانيات جي پروفيسر ميگي ٽالرمين جي ان چوڻيءَ تي ختم ڪريان ٿو ته بني نوع انسان ئي واحد مخلوق آهي، جيڪا قوتِ گفتار رکي ٿي. ڳالهائڻ جي صلاحيت انسان جي ارتقائي عمل ۾ هڪ اهم مرحلو تصور ڪيو وڃي ٿو هڪ اهڙي تبديليءَ وارو عمل جنهن پوري شيءِ بدلائي ڇڏي ۽ انهيءَ ڪري هميشه انسان کي اهو تجسس رهيو ته زبان ڪڏهن کان شروع ٿيا

> اوهان جيڪڏهن پنهنجو وجود برقرار رکڻ چاهيو ٿا ته پوءِ پنهنجي معاشري ۾ نوجوان کي هڪٻئي سان زبان ۽ قوم جي نالي تي نفرتن کان بچايو اِهي نوجوان اسان جي طاقت آهن. انهن کي سمجهايو ته قومون ۽ قبيلا اسان جي تعارف جي لاءِ آهن. تعريف جي لاءِ نه. اسان جون ايندڙ نسلون زبان، قوم، مذهب ۽ فرقن جي بنياد تي نفرتون ۽ تعصب پکيڙيندڙن تي نه پر مستقبل ۾ هر قوم ۽ هر ٻوليءَ مان ايندڙ يوڪو تاوادا جهڙين شخصيتن تي فخر ڪنديون. ياد رکو زبان قومن کي قريب ڪرڻ جو ذريعو آهي. جنهن جي زنده مثال اڄ به اسان وٽ يوڪو تاوادا جي صورت ۾ موجود آهي. هڪ اهڙي تبديليءَ وارو عمل جنهن پوري شيءِ بدلائي ڇڏي ۽ انهيءَ ڪري هميشه انسان کي اهو تجسس رهيو ته زبان ڪڏهن کان شروع ٿي!

قاضي عبدالمجيد عابد:
سيوهڻ جي سونهري ماڻي کان صحافت ۽ سياست جي افق تائين

نور سنڌي

(حصو ٻيو)

قاضي عبدالمجيد عابد جي زندگيءَ جو سياسي سفر ڪنهن اوچتي واقعي جو نتيجو نه هو پر ڊگهي صحافتي، علمي، انتظامي ۽ سماجي تجربي مان جنم وٺندڙ هڪ مسلسل سفر هو. سيوهڻ جي قاضي گهراڻي جي علمي ماحول کان حيدرآباد جي بلدياتي زندگي، "الوحيد" جي صحافت، "عبرت" جي ادارتي دنيا ۽ سنڌي ادب جي سرپرستيءَ تائين پهچڻ کان پوءِ سندس شخصيت جو دائرو قومي سياست تائين وسيع ٿيو. هو صحافت کي سياست لاءِ ڏاڪڻ نه پر عوامي شعور جي تعمير جو وسيلو سمجهندو هو، جڏهن ته سياست کي ذاتي اقتدار بدران عوامي مسئلن جي حل لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

1985ع جون چونڊون ۽ قومي سياست ۾ نئون باب

جنرل ضياءُ الحق جي دور ۾ 1985ع جون غير جماعتي چونڊون ٿيون. قاضي عبدالمجيد عابد قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ سندس سياسي زندگيءَ ۾ هڪ نئون قومي باب شروع ٿيو. محمد خان جوڻيجي جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ هو وفاقي ڪابينا جو حصو بڻيو ۽ مختلف وقتن تي اطلاعات ۽ نشريات، تعليم، خوراڪ ۽ زراعت، پاڻي ۽ بجلي جهڙين اهم وزارتن سان وابسته رهيو. سندس خاص خوبي اها هئي ته وفاقي اقتدار ۾ پهچڻ کان اڳ ئي هو صحافت، بلدياتي نظام، سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۽ عوامي مسئلن جو وسيع تجربو رکندڙ شخص هو. تنهنڪري سندس سياسي ڪردار رڳو اقتداري عهدن تائين محدود نه رهيو، پر صحافتي ۽ سماجي تجربو پڻ سندس فيصلن ۾ نمايان رهيو.

اطلاعات ۽ نشريات جي وزارت- صحافي وزير جو امتحان

اطلاعات ۽ نشريات جي وزارت قاضي عابد جي شخصيت سان خاص مناسبت رکندڙ هئي، ڇاڪاڻ ته هو ڪيترن ڏهاڪن کان صحافت سان لاڳاپيل هو. هڪ طرف هو وفاقي حڪومت جي اطلاعاتي پاليسيءَ جو ذميوار وزير هو ۽ ٻئي طرف اخبار جو مالڪ، ايڊيٽر ۽ صحافي. اهڙي صورتحال ۾ سندس سامهون وڏو سوال اهو هو ته سرڪاري منصب ۽ صحافتي آزاديءَ جي اصولن کي ڪيئن گڏ هلائجي. سندس متعلق اهو موقف مشهور رهيو ته هو پاڻ کي وزير کان اڳ صحافي سمجهندو هو. پريس تي غيرضروري پابندين ۽ سنسرشپ بابت به هن پنهنجو موقف رکيو. سندس سوچ اها هئي ته اخبار کي حڪومت جو ترجمان بڻائڻ بدران حڪومت کان سوال ڪرڻ جي آزادي هجڻ گهرجي.

ان دور ۾ علائقائي ٻولين جون اخبارون مالي طور وڏين اردو ۽ انگريزي اخبارن جي پيٽ ۾ پوئتي رهنديون هيون. قاضي عابد سرڪاري اشتهارن جي منصفاڻي ورهاست جي حمايت ڪندي سنڌي ۽ ٻين علائقائي اخبارن جي معاشي بقا کي آزاد صحافت سان ڳنڍيو. سندس خيال هو ته مالي طور ڪمزور اخبار آسانيءَ سان سياسي يا سرڪاري دٻاءُ هيٺ اچي سگهي ٿي ۽ ان سان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو آواز به ڪمزور ٿيندو. سرڪاري ميڊيا ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي جاءِ ڏيڻ به سندس اهم ترجيحن مان هو. پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي سنڌي ڊرامن، موسيقي، خبرن، شاعري ۽ لوڪ فن کي وڌيڪ جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون. سنڌي ليکڪن، اداڪارن، صداڪارن، شاعرن ۽ موسيقارن کي قومي سطح تي پنهنجو فن پيش ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ سندس ثقافتي سوچ جو حصو هو. حيدرآباد پريس ڪلب ۽ مقامي صحافين جي مسئلن ڏانهن به سندس ڌيان رهيو. صحافتي ادارن لاءِ مواصلاتي سهولتن، تربيت ۽ جديد صحافتي اصولن بابت سندس سوچ اها هئي ته مضبوط صحافتي ادارا ئي آزاد صحافت جو بنياد بڻجي سگهن ٿا. سندس صحافتي فڪر ۾ هڪ اهم ڳالهه اها به هئي ته سياستدانن جا بيان بنا جاچ جي ڇاپڻ بدران انهن جي دعوائن ۽ عملي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو وڃي. صحافت جو ڪم رڳو پريس رليز ڇاپڻ نه پر حقيقت جي جانچ، سوال ڪرڻ ۽ عوام کي اصل صورتحال کان آگاهه ڪرڻ پڻ آهي.

قاضي عابد ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (CPNE) ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ چار ڀيرا جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. قومي صحافتي اداري ۾ هڪ سنڌي اخبار جي ايڊيٽر جو بار بار اهم عهدي تي چونڊجڻ سنڌي صحافت لاءِ اهم ڳالهه هئي. هن سنڌي صحافين جي قومي ۽ بين الاقوامي نمائندگي وڌائڻ لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون ۽ سينيئر سنڌي صحافين کي صدر ۽ وزيراعظم جي پرڏيهي وفدن ۾ شامل ڪرائڻ جو سلسلو اڳتي وڌايو.

سنڌ جي ثقافت جو قومي ۽ علمي تعارف : وفاقي وزير ۽ CPNE اڳواڻ جي حيثيت سان قاضي عبدالمجيد عابد يورپ، آمريڪا، چين ۽ عرب ملڪن جا دورا ڪيا. سندس لاءِ پرڏيهي سفر رڳو سرڪاري ملاقاتن تائين محدود نه هئا. هو سنڌ جي تاريخ، صوفي روايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ سنڌي ثقافت جو ذڪر به ڪندو هو. اجرڪ، سنڌي ٽوپي، سوسي ۽ سنڌي هنرجون شيون پرڏيهي مهمانن ۽ سفارتڪارن کي تحفي طور ڏيڻ سندس ثقافتي سفارتڪاريءَ جو حصو هيون. سندس سوچ هئي ته سنڌ کي رڳو پاڪستان جي هڪ صوبي طور نه پر پنهنجي هزارين سالن جي تهذيب، ٻولي، موسيقي، شاعري ۽ صوفي فڪر سان دنيا آڏو پيش ڪيو وڃي. موهن جي دڙي جي تحفظ بابت علمي ادارن ۽ يونيسڪو جي نمائندن سان رابطن ذريعي عالمي ڌيان ۽ فنڊنگ جي ضرورت اجاگر ڪرڻ پڻ سندس ثقافتي دلچسپيءَ جو حصو هو. موهن جو دڙو سندس نظر ۾ رڳو آثار قديمه جو هنڌ نه پر سنڌ جي تهذيبي سڃاڻپ ۽ انساني تاريخ جو اهم باب هو. سندس مشهور "يورپ جو سفرنامو" به انهن مشاهدن جو ادبي نتيجو هو، جيڪو 1984ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپيل هو. سفرنامي ۾ يورپي سماج، ادارن، حڪومتي نظام، پريس، ترقي ۽ عوامي زندگيءَ بابت سندس مشاهدا شامل آهن. هو سنڌ جي نوجوانن کي اهو سمجهائڻ چاهيندو هو ته علم، قانون، مضبوط ادارن، پريس جي آزادي، تنظيم ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ وسيلي سماج ڪيئن ترقي ڪري سگهن ٿا. چين جي دوري دوران هن زراعت، ٻج جي معيار، اجتماعي زرعي نظام ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جو پڻ مشاهدو ڪيو. سندس انداز اهو هو ته پرڏيهي سفرن مان رڳو ذاتي يادون نه پر پنهنجي صوبي لاءِ نوان خيال کڻي واپس اچي.

تعليم، سنڌي ٻولي ۽ تاريخ : تعليم جي وفاقي وزارت سندس سياسي زندگيءَ جو اهم باب هئي. هو تعليم کي رڳو اسڪولن جي عمارتن تائين محدود نه سمجهندو هو. پٺتي پيل علائقن خاص طور ٻهراڙين ۾ اسڪولن جي قيام، نياڻين جي تعليم، غريب پر ذهين شاگردن لاءِ اعليٰ تعليم ۽ هاسٽل جون سهولتون سندس ترجيحن ۾ شامل هيون. سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت بابت سندس موقف پڻ اهم هو. سندس سوچ هئي ته هر صوبي کي پنهنجي مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جو حق هجڻ گهرجي. سنڌ جي تاريخي ڪردارن کي نصاب ۾ مناسب جاءِ ڏيڻ بابت به هو حساس هو. هو چاهيندو هو ته سنڌ جا نوجوان هوشو شيدي، هيمون ڪالاڻي، شاهه عنايت شهيد ۽ ٻين تاريخي ڪردارن بابت صحيح تاريخ پڙهن.

هاري ۽ زرعي مسئلا : خوراڪ ۽ زراعت جي وزارت دوران سنڌ جي هارين جي مفادن بابت به سندس موقف نمايان رهيو. ڪڻڪ جي سرڪاري اگهه بابت بحث ۾ هن آبادگارن کي سندن محنت جو مناسب معاوضو ملڻ تي زور ڏنو. سندس خيال هو ته هاري کي فصل جو مناسب اگهه نه ملندو ته زراعت جو سڄو نظام متاثر ٿيندو. سندس نظر ۾ سنڌ جو هاري رڳو ووٽر نه پر ملڪ جي خوراڪ جو بنياد هو. تنهنڪري زرعي پاليسيءَ کي هاريءَ جي معاشي تحفظ سان ڳنڍڻ ضروري هو.

سيوهڻ سان تعلق ۽ عوامي خدمت : وفاقي وزير ٿيڻ باوجود قاضي عابد جو پنهنجي اباڻي شهر سيوهڻ سان تعلق ڪمزور نه ٿيو. حضرت لعل شهباز قلندر جي درگاهه سان سندس عقيدت، درگاهه جي توسيع ۽ زائرين لاءِ سهولتن جي ضرورتن بابت سندس ڪوششن جا احوال ملن ٿا. سيوهڻ جي پاڻي، واهن، آبڪاري ۽ زرعي مسئلن ڏانهن به سندس ڌيان رهيو. غريب ۽ ذهين شاگردن کي وڏن شهرن جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تائين پهچائڻ، داخلا ۽ هاسٽل جي سهولت لاءِ مدد ڪرڻ کي هو اهم سمجهندو هو. سندس نظر ۾ تعليم ڪنهن مخصوص طبقي جي ملڪيت نه پر هر غريب ٻار جو حق هئي.

(هلندڙ)

اڄوڪو ڏينهن ---- 29 آگسٽ

مختيار انڙ

گلي سدارنگاڻي

گلي سدارنگاڻي سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ناول نگار ۽ مترجم هئي. هن کي سنڌي ٻوليءَ جي پهرين خاتون ناول نگاره مڃيو وڃي ٿو. هن جو جنم 29 آگسٽ 1906ع ۾ ٿيو. هن هندستان ڇڏيو تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. هوءَ هڪ بهترين ليکڪا هئي. خاص طور تي ناول نگاريءَ ۾ هن جو ڪو مٽ ۽ ثاني نه هو. هن 3 شاهڪار ناول لکيا: اتحاد (1941ع)، ساڌنا جو سپنو (1960ع) ۽ آخري انقلاب (1979). هن انتهائي بيدپائيءَ سان حساس موضوعن تي لکيو. مثال طور هن جي ناول "اتحاد" ۾ هڪ هندو ڇوڪري هڪ مسلمان ڇوڪري سان شادي ڪري ٿي. هيءُ هڪ حساس موضوع هو. جنهن تي ڪجهه انتها پسند هندن توڙي مسلمانن تنقيد ڪئي پر ناول جو مقصد هندو مسلم اتحاد هو، جيڪو ان وقت جي شديد ضرورت هئي. هوءَ هڪ بهترين سنڌيڪاره پڻ هئي. هن جواهرلال نهروءَ جي جڳ مشهور ڪتاب Letters from father to his daughter جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ڪيو. ان کان علاوه رابندرناٿ ٽئگور جي ناول گورا ۽ ڪرشنا ڪرپلانيءَ جي ڪتاب ٽئگور ۽ گانڌيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جو جامون پهرايو. هن 1994ع ۾ هي جهان ڇڏيو.

اميد علي آب لغاري

هن نامور شاعر ۽ تعليمدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1934ع ۾ گلاب لغاريءَ ويجهو ڳوٺ حافظ محمد عمر ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو نبي بخش لغاري هو. هن گلاب لغاريءَ جي پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ مسڻ وڏيءَ جي مدرسي مان عربي، فارسي ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين. اڳتي هلي ميرپورخاص مان مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان پاس ڪيائين. هن 1956ع ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ قوم جي نونهالن جي علم جي آبياري ڪري 1994ع ۾ رٽائر ٿيو. هو پنهنجي دور جو هڪ پڪو ۽ پختو شاعر هو ۽ شاعريءَ ۾ "آب" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ڪلام جو مجموعو "گلستان آب" جي نالي سان ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. هن 25 آڪٽوبر 2021ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو.

احسان دانش پٽو

احسان دانش پٽو هڪ ناليوارو ليکڪ، محقق ۽ تعليمي ماهر هو. هن 29 آگسٽ 1942ع ۾ شڪارپور ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن ايل ايل بي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي ابتدا تعليم کاتي ۾ اسلاميات جي ليڪچرار طور ڪيائين. اڳتي هلي ترقي ڪري پروفيسر جو عهدو ماڻي رٽائر ٿيو. احسان دانش 1953ع ڌاري ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو ۽ هڪ محقق ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي. هن شڪارپور مان تعليم اخبار جاري ڪئي. بعد ۾ تعليم مئگزين ۽ سرهاڻ پبليڪيشن جي نالي سان رسالا جاري ڪيائين. هن 27 جون 2010ع تي هن جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.



ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو سنڌ جو مشهور اديب ۽ شاهه جو شيدائي آهي. هو 29 آگسٽ 1964ع تي خيرپورميرس ضلعي جي ڳوٺ دلاور کهڙي ۾ ڄائو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. ادبي دنيا ۾ هڪ مقالا نگار ۽ مضمون نگار طور پنهنجي ساک رکي ٿو. هن جيڪي ڪتاب لکيا آهن، تن ۾ "سخي بابا صلاح الدين چترالي"، "شاهه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو"، "محمد شاهه مڪي"، "شاهه لطيف جي سوانح ۽ شاعريءَ ۾ لاشعوريت" ۽ "سڄڻ ۽ ساڻيهه" شامل آهن.

اويس قرني

هن مشهور شاعر جو جنم 29 آگسٽ 1970ع تي تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ سينڊل مهيسر ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو محمد اويس ولد دوست محمد آهي. هن مئٽرڪ تائين تعليم ميهڙ جي اسڪولن مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج خيرپور مان پاس ڪيو. هن عملي زندگيءَ جي ابتدا پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. 1999ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. الهنواز رڪڻائي ۽ عاشق ڪلهوڙو سندس ادبي استاد آهن. سندس شاعري سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن جي ورقن جي سينگاربندي رهي آهي. سندس ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "نيراڻائي نيڻ"، "ڳل نه سڪا ڳوڙها" ۽ "نيڻ پرينءَ جي آسري" شامل آهن.



شمس الدين ابڙو

شمس الدين ابڙو لاڙڪاڻي ضلعي جو نامور وڪيل هو. هو سنڌ جي مشهور عالم ۽ تعليمي ماهر علامه علي خان ابڙي جو وڏو فرزند هو. سندس جنم 1916ع ۾ ڳوٺ سانگي تعلقي ميهڙ ۾ ٿيو. قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ پنهنجي قابليت سبب قانوني حلقن ۾ کيس وڏي مڃتا ماڻيائين. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کيس "استاد" سڏيندو هو. هن جيڪي ڪيس کٽيا هئا، تن جو احوال سندس ڀاءُ جمال ابڙي جي آتم ڪٿائن ۾ پڙهي سگهجي ٿو. هن 29 آگسٽ 1963ع تي وفات ڪئي. لاڙڪاڻي جو مشهور "شمس هاءِ اسڪول" سندس نالي پٺيان قائم ٿيل آهي.

ڊاڪٽر پاڪچند هرداساڻي

ڊاڪٽر پاڪچند هرداساڻي سانگهڙ ضلعي جو مشهور سماج سڌارڪ ۽ سياستدان هو. هن جو جنم 20 اپريل 1940ع تي کڏڙي شهر ۾ ٿيو. مئٽرڪ تائين پنهنجي جنم واري شهر ۾ پڙهيو. اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند وٺي ڊاڪٽر بڻيو. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ميڊيڪل آفيسر طور ڪئي. 1969ع ۾ نوڪري ڇڏي سانگهڙ ۾ پنهنجي خانگي اسپتال کوليائين. هو پنهنجي سماجي سرگرمين جي ڪري مشهور هو. پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سانگهڙ جو صدر، هلال احمر ضلعي سانگهڙ جو نائب صدر، هندو پنچائت سانگهڙ جو صدر ۽ ٻين ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو سرگرم ميمبر ۽ سرواڻ رهيو. هن 2001ع ۾ بلدياتي چونڊون کٽي پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي. 2002ع کان 2007ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين. هن 29 آگسٽ 2012ع تي لاڏاڻو ڪيو.

مولانا عبدالصمد هاليجوي

مولانا عبدالصمد درگاهه هاليجي شريف جو سجاده نشين، عالم، مفسر ۽ مصنف هو. سندس ولادت 1943ع ڌاري هاليجي شريف ۾ ٿي. هن ابتدائي ديني تعليم پنهنجي خاندان جي بزرگن کان حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ جامعه عربيه اسلاميه مدينته العلوم پنوعاقل، بدرالعلوم حماديه رحيم يار خان ۽ جامعه اشرفيه لاهور مان اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ درس و تدريس جهڙي پيغمبري پيشي سان لاڳاپجي ويو. سندس سجاده نشينيءَ واري دور ۾ هاليجي شريف تعليم جو مرڪز رهيو. سياسي طور تي پاڻ جمعيت علماءِ اسلام سان لاڳاپيل رهيو. مولانا عبدالصمد ڪيترائي ڪتاب تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ "خطبات هاليجوي" (حضرت حماد الله هاليجويءَ جا خطبا)، "قوت العاشقين" (مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪتاب جي نثري تاليف)، "پيران پير حضرت عبدالقادر شاهه جيلانيءَ جي ملفوظات" (ترجمو)، "مشڪوات شريف" (سنڌي ترجمو) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن بزرگ 29 آگسٽ 2023ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

عطاءِ المنعم بلو

عطاءُالمنعم بلو مشهور تعليمي ماهر اڳوڻي شاگرد اڳواڻ ۽ تجزيه نگار هو. کيس گهڻو ڪري عطا بُلي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم پني عاقل ۾ مشهور وڪيل عبدالرحمان بلي جي گهر ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين. اٺين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري جو شاگرد رهيو. ان بعد مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشوري مان آرڪيٽيڪچر ۽ ڊزائين واري شعبي ۾ گريجوئيشن ڪيائين. مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هو قوم پرست لڏي جو ساٿاري رهيو. پاڻ جيئي اسٽوڊنٽس فيڊريشن مهراڻ يونيورسٽي يونٽ جو نظرياتي ڪارڪن ۽ جنرل سيڪريٽري رهيو. هن ڪجهه عرصو لاڙڪاڻي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ ۾ هڪ آفيسر طور ڪم ڪيو. اڳتي هلي مهراڻ يونيورسٽيءَ جي سينٽر آف ايڪسيلينس ان آرٽس اينڊ ڊزائن جو حصو بڻجي ويو. جڏهن انهيءَ سينٽر شهيد الهه بخش سومرو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ ڊزائين جو روپ ڌاريو ته عطا بلو انهيءَ يونيورسٽيءَ جي آرڪيٽيڪچر اينڊ ڊزائين شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. هو هڪ بهترين تجزيا نگار ۽ ڪمپيئر طور به مشهور هو. حيدرآباد جي هڪ نجي ٽيليويزن جي حالات حاضره جي هڪ پروگرام جو ميزبان پڻ رهيو. هن 29 آگسٽ 2023ع تي لاڏاڻو ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 110 سال 2026

شريمتي راجڪماري ڌيءُ مجنو ٻاگڙي رهاڪو مظيم ڪالوني سڪرنڊ .. پليٽنف ..بخلاف.. چندر ولد سنهير هندو بالغ رهاڪو ٻجيري 03273397635 ..ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 75 سال 2026

شريمتي سنيتا زال راڻي سنگهه ڌيءُ نيوا رام هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ مکڻ سمون تعلقو شجاع آباد ضلعو شجاع آباد .. پليٽنف..بخلاف.. راڻي سنگهه ولد مانجهي هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ راهوڪي حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ميرپورخاص

تصحيح

جيئن ته بروز اربع 26 آگسٽ 2026 جي اشاعت ۾ فيملي جج ڄامشورو جي فيملي سوٽ نمبر سال 2026 ۾ غلطي سان پليٽنف جو نالو امبرين لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح نالو امبرين لکيو ۽ پڙهيو وڃي . (اداره)

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 08 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر 65 سال 2024

علي شير ولد محمد پناهه رهاڪو اسڪريپ ڪالوني ميرپور ماٿيلو ضلعو گهوٽڪي حال رهاڪو پلاٽ نمبر-A 12 الرحمن گارڊن سٽي نزد سيشن ڪورٽ مين روڊ ڄامشورو.. پليٽنف.بخلاف.. (1) غلام اڪبر ولد وريام معرفت قانوني وارث (اي) مسمات روبينا (بيواهه) (بي) مسمات فرزانه ڌيءُ (سي) اويس علي (پٽ) وقاص علي (اي) عبدالباسط (ايف) عريبا ڌيءُ ماٿر رهاڪو غريب آباد ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (2) جلال الرحمن ولد عبدالرحمن رند مالڪ الرحمن بلڊرز اينڊ ڊولپرز آفيس ايٽ ريلوي سيمينٽ فيڪٽري نيشنل هائي وي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (3) پورن داس ولد تارومل هندو بالغ آفيس ايٽ سامهون ريلوي سيمينٽ فيڪٽري نيشنل هائي وي ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو... ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي ايف سي سوٽ 65/2024 علي شير خلاف غلام اڪبر ۽ ٻيا خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب تصور علي راجپوت)
مينٽل هيلٿ درخواست نمبر 02 سال 2026

ڪريم بخش ولد رمضان ذات گوپانگ رهاڪو ڳوٺ ڪاڻوٽ تعلقو مانجهند ضلعو ڄامشورو. ايپليڪينٽ.بخلاف.. (1) انسول ڌيءُ سائين بخش ماڻر (2) ڪوثين زهره ڌيءُ سائين بخش ماڻر رهاڪو ڳوٺ ڪاڻوٽ تعلقو مانجهند... ايونٽس (1) علي حيدر ولد سائين بخش (2) مسمات بشرا بيواهه سائين بخش ٻئي...پٽيشنل Mentally ill/ Lost their Mental Condition

جنرل پبلڪ ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ زير قلم 32 ۽ 33 سنڌ مينٽل هيلٿ ايڪٽ 2013 تحت درخواست داخل ڪئي آهي مٿي ڄاڻايل مينٽل ٻس انهن جو ڪارين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فرسٽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر [illegible] سال 2026

مسمات زيب النساء.. پليٽنف..بخلاف.. عبدالله ولد ڪريم بخش ذات جمالي رهاڪو اسٽريٽ نمبر 02 پوياڻ فقير ڏاڏا ڪوسو بنگلو خدا جي بستي نمبر 01 تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو 03133847839 ..ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1266 سال 2026

مسمات ياسمين زال منير رهاڪو پاور هائوس ٽنڊو آغا حيدرآباد .. پليٽنف..بخلاف .. منير ولد پنهون پٽي رهاڪو اوليه پاور هائوس ٽنڊو آغا حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين پليٽنف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڪنزيومر پروٽيڪشن جج حيدرآباد
ڪمپلينٽ نمبر سال 2026

اسد انور ولد انور علي پٽي ذات پٽي رهاڪو A-244 فيز 1 SUECHS ڄامشورو .. ڪمپلينٽ..بخلاف .. (1) ميٽرو اليڪٽرڪ معرفت چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر گرائونڊ فلور Caesar's ٽاور سامهون عائشه ٻاواني اڪيڊمي شاهراهه فيصل ڪراچي (2) مجاز ڊيلر ميٽرو اليڪٽرڪ شوروم نمبر 101 ڊاڪٽر لائين بوهري بازار صدر حيدرآباد 03330323669 ...ريسپونڊنٽس

معين ريسپونڊنٽس ڪُهُن:

جيئن ته مٿئين ڪمپلينٽ ڪنزيومر ڪمپلين زير قلم سنڌ ڪنزيومر پروٽيڪشن ايڪٽ 2014 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

ڪنزيومر پروٽيڪشن جج حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي **خالد ماجد علي ولد ماجد علي رهاڪو تعلقو حيدرآباد** اسان کي درخواست ڏني آهي هيٺ ذڪر ڪيل فوتي جي سنڌس حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر **66 ديهه مياڻو تپو هٽڙي** تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جو فوتي ڪاتو سنڌس جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن **فوتي ماجد علي ولد امجد علي جيڪو مورخه 22.04.2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث** [illegible] خالد ماجد علي (پٽ)حرمت ماجد علي (ڌي)صالحا ماجد علي (ڌي)درخشان ماجد (ڌي) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ولديت جي درستگي

جيئن ته منهنجي پٽ سرمار خان ولد محمد سليمان جي تعليمي رڪارڊ ۾ منهنجو نالو انگريزي ۾ غلطي سبب MUHAMMAD SULAIMAN لکجي ويو آهي. جڏهن ته انگريزي ۾ صحيح نالو MUHAMMAD .SULEMAN آهي.جنهن کي درست ڪري MUHAMMAD SULEMAN لکيو وڃي ۽ نوان تعليمي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا وڃن.هي منهنجو بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

محمد سليمان پٽ ڪرم خان ڳوٺ سليمان جوڻ ديهه 188 تعلقو ڏگڙي ضلع ميرپورخاص

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي **بلال احمد ولد زاهد علي خان رهاڪو تعلقو حيدرآباد** اسان کي درخواست ڏني آهي هيٺ ذڪر ڪيل فوتي جي سنڌس حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر **360 ديهه مياڻو تپو هٽڙي** تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جن جو فوتي ڪاتو سنڌس جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن فوتي **زاهد علي خان ولد امجد علي خان جيڪو مورخه 28.10.2016 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث**:بلال احمد (پٽ)محمد جمال (پٽ)محمد ڪمال خان (پٽ)راڻو ناصر حسين (پٽ)مسمات سيرت راڻو (ڌي)مسمات شاهين بيگم (ڌي) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي **محمد اقبال اختر ولد عبدالعزيز رهاڪو تعلقو حيدرآباد** اسان کي درخواست ڏني آهي هيٺ ذڪر ڪيل فوتي جي سنڌس حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر **366، 333، 360 ديهه مياڻو تپو هٽڙي** تعلقوحيدرآباد ۾ آهي جن جو فوتي ڪاتو سنڌس جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن **فوتي مسمات زاهده زال محمد اقبال اختر جيڪو مورخ 20.04.2021 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث**:محمد اقبال اختر (مڙس)امبرين اقبال (ڌي)عائشه (ڌي)زبير اقبال (پٽ)محمد عمير اقبال (پٽ)مصباء نويد (ڌي)محمد عزير (پٽ)مسعود احمد (پٽ)سعديه جمال (ڌي)محمد حنيف (پٽ)محمد حمزه اقبال (پٽ) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار چتومنگوانو ولد قربان علي منگوانو رهاڪو ڳوٺ راڻو منگوانو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي چتو ولد راڻو منگوانو تاريخ 02-05-2026تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 300/IB ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه رڪنپور تپو اي ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني اهي (1) ٽندو فقير (پاڻ) (2)ڪزبانو (ڌي) جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

اٿون نالي مير مرتضيٰ ڪوسو ولد عبدالستار ڪوسو ويٺل ڳوٺ پنجابي جا پاڙ تعلقو ميهڙ هن اشتهار ذريعي عرض ٿو ڪيان ته منهنجي موٽرسائيڪل سي ڊي ماڊل 2026 انجڻ نمبر125412،Vچيس نمبرHB ، 148869جنهن جو اوريجنل ليٽر گر ٿي ويو آهي جنهن کي به مليو آهي ته مونکي اطلاع ڪري.

مير مرتضيٰ ڪوسو ولد عبدالستار ڪوسو ويٺل ڳوٺ پنجابي جا پاڙ تعلقو ميهڙ

لاتعلقي جو اظهار

اٿون نالي سيد عامر حسين ولد سيد تفسير حسين ذات سيد رهاڪو حيدرآباد شناختي ڪارڊ نمبر 4130213108859 جيئن ته نالي ساميه انور بنت انور رهاڪو حيدرآباد شناختي ڪارڊ نمبر 4130284620618 جيڪا ڪوڙو دعويٰ ڪري ٿي ته اٿون سنڌس مڙس آهيان ۽ پنهنجي رشتيدارن سان ملي ڪري مون کي ۽ منهنجي فيملي کي بليڪ ميل ڪري رهي آهي جڏهن ته منهنجو ساميه انور سان ڪڏهن نڪاح ناهي ٿيو ۽ نه شرعي قانوني سماجي تعلق آهي منهنجي نڪاح ۾ صرف منهنجي گهرواري امبرين انصار آهي ساميه انور بنت انور جيڪي به الزام هڻي رهي آهي سڀ بي بنياد آهن هر عام و خاص کي هن آشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجو ساميه انور سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

سيد عامر حسين ولد سيد تفسير حسين
شناختي ڪارڊ نمبر 4130213108859

عام اطلاع

جيئن ته نالي محمد اسلم ولد ماڪن جهيجو ويٺل ڳوٺ حاجي پيرل جهيجو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد ماڪن ولد پيرل جهيجو جيڪو ايريگيشن اسڪارپ کاتي ۾ رٽائرڊ چوڪيدار هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 26-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات مارو جهيجو (بيواهه) (2)محمد اسلم (پٽ) (3) ساجده (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ نالي (1) محمد جعفر جهيجو ولد محمد آشرف (2) فهيم علي ولد محمد حنيف جهيجو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات آمون وريه بيواهه هاشم وريه ويٺل ڳوٺ بچل وريه اوڏيرو لعل تعلقو ۽ ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس مڙس هاشم وريه ولد عمر وريه جيڪو ايريگيشن کاتي ۾ حاضر سروس طور ٽيوب ويل چوڪيدار هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 10-06-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات آمون وريه (بيواهه) (2) محمد اسلم (پٽ) (3) سليم (پٽ) (4) عبدالعليم (پٽ) (5) عبدالشڪور (پٽ) (6) نعمان (پٽ) (7) صنم وريه (ڌي) (8) نجمي (ڌي) (9) زاهران (ڌي) (10) سائره (ڌي) (11) سوبره (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ نالي (1) عبدالماجد ولد محمد صادق وريه ۽ محمد حنيف ولد نبن وريه جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي اميد علي ولد ڪنڊو محمد عثمان خاصخيلي ويٺل ڳوٺ محرم خاصخيلي تعلقو ۽ ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس ڀاءُ غلام محمد ولد ڪنڊو محمد عثمان خاصخيلي جيڪو واپڊا کاتي ۾ حاضر سروس طور لائن مين هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 03-07-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات امينه خاصخيلي (بيواهه) (2) ڪنڊو محمد عثمان خاصخيلي (والد) (3) مسمات آسو خاصخيلي (ماءُ) (4) مسمات زاهدان خاصخيلي (ڀيڻ) (5) مسمات حنيفان خاصخيلي (ڀيڻ) (6) انور علي خاصخيلي (ڀاءُ) (7) اميد علي خاصخيلي(ڀاءُ) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هرهڪ نالي (1) غلام شبير ولد علي بخش خاصخيلي ۽ آفتاب احمد ولد بشير احمد خاصخيلي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته اٿون نالي ناصرعلي کهتري ولد لياقت علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130351740251 هڪ عدد پلاٽ نمبر 261 ايراضي 400 مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ نالي امر لال ولد نارائن شناختي ڪارڊ نمبر 4110592589889 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ان پلاٽ جي خريد و فروخت تي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر تمام دستاويزي ثبوتن سان سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ بلاڪ اي حيدرآباد کي تحريري طور تي آگاهه ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ناصرعلي کهتري ولد ليافت علي
معرفت راجپوت اسٽيٽ ايجنسي لطيف آباد نمبر 07
سيل نمبر 03003247949

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امجد علي ولد سائين بخش شورو رهاڪو ڳوٺ الهچايو شورو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو درخواست ڪئي آهي ته سنڌس والد سائين بخش شورو ولد طالب جي نالي ديهه ڪاروکهو تعلقو ڪوٽڙي ۾ داخلا نمبر 20 سروي نمبر 404،292 ايراضي 13-04 آهي جيڪو تاريخ 28-06-2019 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي جي نالي واري زمين جو فوتي ڪاتو بدل ڪيو وڃي اهڙي تصديق ٻن شاهدن (1) رياض علي شورو ولد محمد حسين شورو رهاڪو ڳوٺ الهچايو شورو ڪوٽڙي (2) نياز علي شورو ولد جان محمد شورو رهاڪو ڳوٺ الهچايو شورو ڪوٽڙي کان اهڙو بيان ورتو ويو جن موجب فوتي جا هيٺيان جائز ۽ حقيقي وارث آهن وارثن جا نالا (1) مسمات ڦياتي فوتي جي زال (2) مڪانان شورو فوتي جي ڌي (3) شاهده فوتي جي ڌي (4) رحيم بخش فوتي جو پٽ (5) ڪرير ڏنو شورو فوتي جو پٽ (6) مهناز شورو فوتي جي ڌي (7) شهناز فوتي جي ڌي (8) امجد علي فوتي جو پٽ (9) عاشق علي فوتي جو پٽ (10) حميده فوتي جي ڌي هنن وارثن کان علاوه فوتي جو ڪوبيو وارث آهي ته هن اشتهار جي اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي بي صورت ۾ فوتي بدل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض وغيره قبول نه ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽڙي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي اسرار احمد ولد رياض احمد ذات آرائين درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي رياض احمد ولد محمد حسين آرائين تاريخ 09-2023-16 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي ديهه نمبر 333 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر 27/1to16، 82/1 to16، 90/1 to 10 ۽ ٻيا مان گڏيل حصي موجب ايراضي 36-0 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ 333 ديهه نمبر 333 ۾ ڪري اٿي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جاجائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) اسرار احمد (پٽ) (2) امتياز احمد (پٽ) (3) شنيلا(ڌي) (4) حنا آفرين (ڌي) (5) راحيله (ڌي) (6) مهوش رياض (ڌي) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

بقايا 1 روزاني عبرت

تان ڪري پيا جڏهن ته ڪارگو رڪشا تي هڪ ئي گهر جا چار ٻاتي سوار هئا جن تي سگها پاٽر ۽ هڪ سنڌس سگهو سٿوٽ جن جون عمر8 ڪان 13 سالن تائين ٻڌايو وڃي پيو جيڪي ميرواه ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا آهن جڏهن اطلاع ميرواه ڪئنال تي گوپانگ برادري جا هزارين ماڻهو پهچي ويا ۽ ريسڪيون عملي سميت پوري ڪوٽڏيجي انتظاميه کي به فوري طور اطلاع ڏنو ويو ۽ معصوم ٻارڙن جي لاشن جي ڳولا شروع ڪري ڏني جڏهن ته ميرواه ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويلن ۾ تي سگها پاٽر 10سالا لاهوتي گوپانگ12 سالا مير محمد گوپانگ11 سالا منتظر گوپانگ ولد مظهر علي گوپانگ جڏهن ته هڪ سنڌن سٿوٽ 13 سالا جنيد علي گوپانگ شامل آهي جيڪي ميرواه ڪئنال ٻڏي فوت ٿي ويا آهن ٻئي طرف جڏهن ته علائقي واسين ۽ گوپانگ برادري پاران پنهنجي مدد پاڻ هڪ ٻار 10 سالا لاهوتي گوپانگ ريسڪيون عملي پاران 13 سالا جنيد علي گوپانگ جا لاش ميرواه ڪئنال مان هٿ ڪري ڪڍي ورتا آهي جڏهن ٻن ٻارن 12 سالا مير محمد گوپانگ 11 سالا منتظر گوپانگ جي ريسڪيون عملي پاران ۽ علائقي واسين سميت ڳولا جاري آهي. جڏهن ڳوٺ مراد گوپانگ ۾ قيامت جا منظر ٿي منظر نظر اچي رهيا هئا جڏهن مظهر گوپانگ جا ٽي فوت ٿيڻ تي پوري گهر ۾ قيامت هئي ٽن ٻائرن ۽ ٽن پٽن جي امڙ ڀيڻيون بار بار بيهوش ٿينديون پئي رهيون ۽ مراد ڳوٺ جي هر اک آلي هئي ۽ پوري علائقي ۾ هر درد مند عورت مرد معصوم ٻار هر ڀيڻ جي اکين لڙڪن جون لاڙيون وهنديون رهيون . جڏهن ڪوٽڏيجي جو اي سي مختيارڪار ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي ريسڪيون ٽيمون تڪ جي ايم پي هالار خان وساڻ ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاه نواب خان وساڻ پاران وارثن ۽ ڪوٽڏيجي انتظاميه سان بار بار ته رابطي موجود رهندا رهيا ۽ معصومن جي ڳولا لاءِ هر قسم جي مدد ڪئي پئي وڃي جڏهن ان افسوس ناڪ واقعي بابت وزير اعلاه سنڌ سيد مراد علي شاه جو ميرواه ڪئنال ۾ ٻارڙن جي ٻڏڻ جي واقعي تي نوٽيس وٺندي ڏک جو اظهار ڪندي ٻڏي گر ٿي ويلن ٻارڙن جي ڳولا لاءِ فوري ۽ هنگامي قدم کڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪمشنر سکر کان واقعي جي تفصيلي رپورٽ گهري ورتي آهي جڏهن ته سيد مراد علي شاه ٻڏي ويل ٻارڙن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ هر ممڪن سهڪار جي يقين ڏهاني ڏياري آهي جڏهن ته حد جي پوليس موجب هي افسوس ناڪ واقعو ڪارگو رڪشا جو بريڪ فيل سبب پيش آهي وڏيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

تان ڪري پيا جڏهن ته ڪارگو رڪشا تي هڪ ئي گهر جا چار ٻاتي سوار هئا جن تي سگها پاٽر ۽ هڪ سنڌس سگهو سٿوٽ جن جون عمر8 ڪان 13 سالن تائين ٻڌايو وڃي پيو جيڪي ميرواه ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويا آهن جڏهن اطلاع ميرواه ڪئنال تي گوپانگ برادري جا هزارين ماڻهو پهچي ويا ۽ ريسڪيون عملي سميت پوري ڪوٽڏيجي انتظاميه کي به فوري طور اطلاع ڏنو ويو ۽ معصوم ٻارڙن جي لاشن جي ڳولا شروع ڪري ڏني جڏهن ته ميرواه ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويلن ۾ تي سگها پاٽر 10سالا لاهوتي گوپانگ12 سالا مير محمد گوپانگ11 سالا منتظر گوپانگ ولد مظهر علي گوپانگ جڏهن ته هڪ سنڌن سٿوٽ 13 سالا جنيد علي گوپانگ شامل آهي جيڪي ميرواه ڪئنال ٻڏي فوت ٿي ويا آهن ٻئي طرف جڏهن ته علائقي واسين ۽ گوپانگ برادري پاران پنهنجي مدد پاڻ هڪ ٻار 10 سالا لاهوتي گوپانگ ريسڪيون عملي پاران 13 سالا جنيد علي گوپانگ جا لاش ميرواه ڪئنال مان هٿ ڪري ڪڍي ورتا آهي جڏهن ٻن ٻارن 12 سالا مير محمد گوپانگ 11 سالا منتظر گوپانگ جي ريسڪيون عملي پاران ۽ علائقي واسين سميت ڳولا جاري آهي. جڏهن ڳوٺ مراد گوپانگ ۾ قيامت جا منظر ٿي منظر نظر اچي رهيا هئا جڏهن مظهر گوپانگ جا ٽي فوت ٿيڻ تي پوري گهر ۾ قيامت هئي ٽن ٻائرن ۽ ٽن پٽن جي امڙ ڀيڻيون بار بار بيهوش ٿينديون پئي رهيون ۽ مراد ڳوٺ جي هر اک آلي هئي ۽ پوري علائقي ۾ هر درد مند عورت مرد معصوم ٻار هر ڀيڻ جي اکين لڙڪن جون لاڙيون وهنديون رهيون . جڏهن ڪوٽڏيجي جو اي سي مختيارڪار ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي ريسڪيون ٽيمون تڪ جي ايم پي هالار خان وساڻ ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاه نواب خان وساڻ پاران وارثن ۽ ڪوٽڏيجي انتظاميه سان بار بار ته رابطي موجود رهندا رهيا ۽ معصومن جي ڳولا لاءِ هر قسم جي مدد ڪئي پئي وڃي جڏهن ان افسوس ناڪ واقعي بابت وزير اعلاه سنڌ سيد مراد علي شاه جو ميرواه ڪئنال ۾ ٻارڙن جي ٻڏڻ جي واقعي تي نوٽيس وٺندي ڏک جو اظهار ڪندي ٻڏي گر ٿي ويلن ٻارڙن

جي ڳولا لاءِ فوري ۽ هنگامي قدم کڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪمشنر سکر کان واقعي جي تفصيلي رپورٽ گهري ورتي آهي جڏهن ته سيد مراد علي شاه ٻڏي ويل ٻارڙن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ هر ممڪن سهڪار جي يقين ڏهاني ڏياري آهي جڏهن ته حد جي پوليس موجب هي افسوس ناڪ واقعو ڪارگو رڪشا جو بريڪ فيل سبب پيش آهي وڏيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 3 روزاني عبرت

ڏاڳڙا جي ميان جي ڳوٺ جي رهواسي علي حسن ڪلهوڙو سان ٿي هئي. مسمات حجيبان مغيري ٻڌايو ته سنڌس مرحوم مڙس فدا مغيري جي ورسي جي موقعي تي ڌيءُ سائره کي ڪجهه ڏينهن لاءِ گهر وٺي اچڻ خاطر ساهرن کان موڪل گهري، جنهن تي ساهرن صبح جو نياڻي کي وٺي وڃڻ لاءِ چيو. هن چيو ته جڏهن صبح جو ڌيءُ جي ساهرين ڳوٺ پهتس ته سائره گهر ۾ موجود نه هئي. سنڌس پاڙيسرين کان معلوم ٿيو ته ڌيءُ تي مبينه طور ڪهاڙين سان تشدد ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته اطلاع ملڻ بعد هوءَ فوري طور اسپتال پهتي، جتي ڌيءُ جي حالت ڏسي سخت صدمي ۾ اچي وئي. ڇاڪاڻ ته سائره جي پيرن ۽ ٻانهن تي ٽاڪا لڳل هئا. جڏهن ته سنڌس هڪ ٻانهن پڻ ڀڳل هئي. هوڏانهن زخمي سائره مغيري ميڊيا کي ٻڌايو ته سنڌس مڙس علي حسن ڪلهوڙو ۽ ڏير صدام ڪلهوڙو بنا ڪنهن سبب جي مٿس ڪهاڙين سان وار ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو، جنهن بعد ڀيڻ ۽ ڀيٽيوي کيس علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. سائره مغيري ۽ سنڌس والده جو چوڻ هو ته واقعي بابت آڳرا ٿاڻي تي فرياد داخل ڪرائي وئي آهي. پر پوليس هن وقت واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو. هنن الزام لڳايو ته جوابدار بااثر هجڻ سبب کين مسلسل موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي گمبٽ سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 4 روزاني عبرت

هو هن باوقار قومي مقابلي ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي اسڪالر سيده شمائله رباب رضوي پنهنجي علمي ۽ تحقيقي ڪاوش ذريعي سڄي پاڪستان ۾ بي پوزيشن حاصل ڪري شاندار اعزاز پنهنجي نالي ڪيو ۽ پنهنجي يونيورسٽي شاهه عبد اللطيف ۽ سان گڏ سنڌ لاءِ پڻ فخر جو سبب بڻجي وئي. سيده شمائله رباب رضوي جي هيءَ ڪاميابي سنڌس علمي، تحقيقي ۽ فڪري صلاحيتن جو نمايان اعتراف آهي. هن ڪاميابيءَ جي پس پشت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي شيخ الجامعه ميرتوريس پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جي علمي سرپرستي ۽ تحقيق دوست ويزن پڻ نمايان آهي. هو يونيورسٽيءَ جي محققن ۽ اسڪالرز کي معياري تحقيقي مقالا لکڻ انهن جي اشاعت ۽ علمي توڙي تحقيقي سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت لاءِ مسلسل همت افزائي ۽ رهنمائي فراهم ڪري رهيا آهن. سنڌن سرپرستيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جو تحقيقي ماحول وڌيڪ مضبوط ٿي رهيو آهي ۽ جامعه جا محقق قومي سطح تي پنهنجي علمي صلاحيتن جو اعتراف حاصل ڪري رهيا آهن

بقايا 5 روزاني عبرت

جڏهن ته موقعي تي موجود هڪ ٻئي اهلڪار مبينا طور سنڌس هٿ مان رائيفل ڦري ورتي، جنهن سان امڪاني جاني نقصان ٽري ويو. واقعي ڪانپوءِ نينگر جا وارث ۽ شهرين ٿاڻي تي پهچي احتجاج ڪندي رپورٽ داخل ڪرائي ۽ اعليٰ پوليس اختيارين کان شفاف جاچ، ذميوار اهلڪار خلاف قانوني ڪاروائي ۽ متاثر نينگر کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. پوليس جو موقف سامهون اچڻ بعد معاملي جون وڌيڪ حقيقتون واضح ٿينديون

بقايا 6 روزاني عبرت

